# غلامن جو بيڙو



# غلامن جو ٻيڙو

(SLAVE SHIP)

مصنف : ايرڪ ڪارڊر

(ERIC CORDER)

سنڌيڪار: دوست محمد ڀلي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ .

1996ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ستاويهه

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس،
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن مارچ 1982ع
ٻيو ايڊيشن سيپٽمبر 1996ع
قيمت 65/- رپيا
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو .
(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

GHULAMUN-JO- BERO. (Slave Ship) Novel By. ERIC CORDER.Translate in Sindhi by DOOST MOHAMMAD BHATTI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition March 1982. Second Edition September 1996. Price Per Copy Rs. 65/-
Book No. 27
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# پيش لفظ

هي هڪ بهترين ناول (Slave Ship) جو سنڌي ترجمو آهي جنهن ۾ هڪ سٺي ناول جون سڀ خوبيون شامل آهن. ڪي ناول سادا ٿيندا آهن جن ۾ هڪ هيرو ۽ هيروئن جو ڪردار ڏيکاريو ويندو آهي. ڪي ناول اهڙا هوندا آهن جن ۾ هيرو ۽ هيروئن کان علاوه هڪڙي رقيب جو ڪردار به شامل هوندو آهي ۽ اهڙا ناول ڪجهه دلچسپ هوندا آهن مگر هڪڙي بهترين ناول جي خاصيت اها هوندي آهي جو ان ۾ هڪ کان وڌيڪ قصا هوندا آهن جيڪي هڪڙي گول دائري ۾ ڦري گهري آخر هڪڙي هنڌ اچي گڏبا آهن ۽ اختتام تي پهچندا آهن جنهن ڪري ان ۾ دلچسپي تمام گهڻي وڌي ويندي آهي. هن ناول ۾ به قصو اهڙي طرح سان ترتيب ڏنل آهي ۽ وقت جي سٽاءَ مطابق قصو حقيقت پسندي تي ٻڌل آهي.

جڏهن هي ناول مون ترجمي ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيو ته ٻه ٽي صفحا پڙهڻ کان پوءِ دلچسپي ايتري قدر وڌي وئي جو ترجمي ڪرڻ کان اڳ دل چاهيو ته پهرين ناول کي سان ڀاڱ پڙهي پورو ڪريان. پوري پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪيم ته ههڙي ناول جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري هڪ عدد ناول جو سنڌي ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي.

اميد ته پڙهندڙن کي هي ناول پسند ايندو ۽ جيئن ته هن ناول جي قصي ۾ اها به خاصيت آهي ته سڄو ڪتاب پڙهي وڃڻ کان پوءِ چند سوچون دل تي تري اينديون ۽ هڪڙو ناول نويس ڪيئن ٻيا قصا ۽ پلاٽ به تخليق ڪري سگهندو.

سنڌيڪار: دوست محمد پلي

ڳوٺ کان ڪجهه پري، اوسائي آڏو ڪوڪجين جي
ڇڙين مان نهيل لانڍيءَ ۾ بيٺ جي ٽڏي تي ستو پيو هو.
اچانڪ سنڌس ڪن تي ڪنهن ٻڪايل ڪتي جي آواز جهڙو
آواز پيو. آڏوڪي جي اک کلي وئي ۽ ٽڏي تي ويٺي هيڏانهن
هوڏانهن ڪنائڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ وري بي آواز ٿي،
ساڳيو آواز ٻيلي کان ٻڌڻ ۾ آيو. ڪو ٻار مدد لاءِ ڪيس اهڙو
آواز ڏئي رهيو هو. "خير ڪونهي." هن کي ڪتڪو ٿيڻ لڳو.
يڪدم ٽپ ڏئي اٿيو ۽ لانڍيءَ جي ڪنڊ ۾ ٽنگيل تلوار
کنيائين جنهن جو هٿيو سونو هو ۽ ٻه ڌارون هئس. "نه، رکي
تلوار شايد ڪم نه ڏئي. الائي ڇا آهي؛ ڏنڊا ٻه کڻڻ کپن.
شڪار گدڙ جو هجي ته ٻه هٿيار شينهن جا ڪرجن" اهو سوچ
ڪري، هڪ هٿ ۾ تلوار کنيائين ۽ ٻئي هٿ ۾ ٻه وڏا ڏنڊا
کڻي جهنگ ڏانهن ڊڪو، جتان آواز ٻڌڻ ۾ آيو هوس.

چانڊوڪي رات هئي. چنڊ الهندي طرف 1350 ڊگرين
تي بيٺو هو. آسمان ۾ جهڙ هو ۽ وڏا وڏا ڪڪر هوا ۾
اڏامندا ٿي ويا. ڪڪر چنڊ جي اڳيان ٿي آيا ته روشني
جهڪي ٿي ٿي ۽ وري هٽي ٿي ويا ته چانڊوڪي وڌي ٿي
وئي. ڪجهه اڳيرو ويو ته پري کان باهه جا شعلا ڏسڻ ۾
آيس.

"باهه"! آڏوڪي کان بي اختيار دانهن نڪري وئي.

”هشيار آهن؟“

”نه“

”ڪنهن جي هٿڪڙي ڇڄڻ جهڙي آهي؟“

”نه سڀ مضبوط جڪڙيل آهن“

”ڀلا ڪنهن کي وڏيڪ زخم ته نه رسيا آهن؟“

”ها، اوڪمفو ڪنويو جي ڏيءَ کي خراب ڌڪ لڳل آهي.“

”ڪٿي ڌڪ لڳو اٿس؟“

”ڦڦڙن ۾ بندوق جو ڪنداخ لڳو اٿس ۽ رت وات مان اچڻ بند نٿو ٿيئس.“

”مارا پوءِ“؟

”دشمنن اکيان دل ڏاڍي ڪندي رت جا ڍڪ ڀريندي وڃي.“

”سنڀال ڪريو ۽ همت ٻڌرايوس.“

آپوڪي کي ڏاڍي ڪاوڙ هئي ۽ دل ۾ پئي سوچيائين ته رکو ڪو وجهه ملي ته هنن بدمعاشن جون هڏيون ڀڃي ڇڏيندا سين. هن وقت هنن سڀني جي ذميواري مون تي آهي- مان هنن جو اوسائي آهيان. مگر افسوس جو ڪاواهه ڪانهي. ڪم جهڙا سڀ مرد مري ويا. پوءِ مري ويلن لاءِ دعا گهريائين ۽ قيدين کي صبر ڪرڻ جي هدايت ڪيائين. ۽ چيائين، ”مان انهي ڳالهه ۾ اشد راضي آهيان ته اوهين پنهنجو ڪو ٻيو اوسائي چونڊي وٺو- مان به انهي جو حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيان. جنهن ۾ سڀ راضي، تنهن ۾ مان به

جهاز تي موڪل ته پنهنجي رقم وٺي اچن. تيستائين اوهين هنن کي بندوقون ڏئي ڇڏيو.“

”حاضر صاحب! مگر ڇا فرگيٽ سان مقابلي ڪرڻ جو ارادو آهي؟“ ڪپتان ڪو جواب نه ڏنو. مربس وري چيو ”جيڪڏهن اوهان جو خيال هجي ته اسين هنن کي منٺن ۾ توڏي جو موڏو ڏيکاري سگهون ٿا. هنن وٽ آهي به ڇا، فقط ٻه بندوقون ۽ معمولي عملو - اسين هنن جي فرگيٽ کي هڪڙيئي ڌڪ سان ٽڪر ٽڪر ڪري سمونڊ جو ترو وترائي ڇڏينداسين.“

”نه“ ڪپتان چيو.

”ٺيڪ آهي صاحب، جيڪا اوهان جي مرضي.“

هارينبي جي منهن تي غصي ۽ ڪاوڙ جا آثار ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا ۽ ڄاڙين کي ڀڪوڙڻ لڳو. هارينبي قد جو ڊگهو، سنهياڻو ۽ رعابدار شڪل جو هو. سندس ڇپ سنهڙا ۽ ڀڪوڙيل هوندا هئا. نهايت چڙباز ماڻهو هو. عام ماڻهو هن انگريز ڪپتان کي مذهب کان ڦريل ۽ وحشي سمجهندا هئا، پر ائين ڪونه هو. جيتوڻيڪ هو هڪ قاتل ۽ وڏا وڏا هنگاما برپا ڪندڙ هو ته به ڪڏهن ته ايترو صبر ڪندو هو جو ڀلي متانئس ڪو گاريون ڪري ڇڏي ته ڪونه ڪڇندو هو. ڪڏهن ته معمولي ۽ عام رواجي ڳالهه تان تپي ڳاڙهو ٿي ويندو هو. تنهن ڪري عملو اڪثر هن سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪندو هو. ڪنهن کي به اها خبر نه پئجي سگهندي هئي ته هو ڪڏهن خوش ٿيندو ۽ ڪڏهن ڪاوڙجي پوندو.

ايتري ۾ ننڍي ٻيڙي ڪناري تي اچي وئي ۽ پوءِ پاڻ

اهڙي لکپڙهه جون ڪوئيون پريون پيون آهن. اوهين چاهيو ته ڏسي سگهو ٿا.

"خير، هوندو!" ڪنري ڪلهن کي مٿيرو چڪيندي چيو. وري خيال ڪيائين ته مٿان مستر جيفرسن سمجهي ته نتئي ٿو تنهن ڪري وري چيائين " وري به سرسري نظر سان ڏسڻ ڏيو ته ڏسي وٺان."

"جيڪا اوهان جي مرضي."

"پلا سان اوهان جي هن معاملي ۾ ڪهڙي مدد ڪري ٿو سگهان؟"

"اوهان ڪنهن اهڙي جهاز تي سوار ٿي وڃو، غلامن جو هڪڙو چڪر ڪٽي اچو ۽ پوءِ پنهنجا تاثرات لکي، هڪڙي ڪتاب جي صورت ۾ اسان کي ڏيو. اسين اهو ڪتاب شايع ڪرائي، عام ماڻهن ۾ ورهائينداسين."

"ها، هروڀرو ضروري آهي ته مان ئي انهي باري ۾ ڪم ڪريان؟" ڪنري کي اها خبر هئي ته هو ڪيئن چاجي لاءِ ٿو چوي؛ پر وري به هن سندس واتان ٻڌڻ ٿي چاهيو.

" چاڪاڻ ته اوهان ۾ ايتري صلاحيت ۽ قابليت آهي جو ماڻهو اوهان جي لکڻيءَ کان متاثر ٿيندا. اوهين هنن جي سٽل ضمير کي جاڳائي سگهو ٿا. هو بلڪل ٻوڙا ٿي چڪا آهن. لکن ۽ هزارن غلامن جون ٻند ڏيکن مان آهون ۽ دانهون نٿا ٻڌي سگهن؛ مگر اوهان جو آواز ٻڌي سگهندا. چاڪاڻ ته اوهين هنن جا پيارا آهيو . اوهان جو آواز غور سان ٻڌن ٿا. ٻي ڳالهه ته اوهان سفيد چمڙي وارا آهيو. اوهان جو آواز

هن تي اثر ڪندو.“

ڪئري ڪجهه دير انهيءَ معاملي تي سوچ ۾ لڳو ۽ خيال ڪيائين ته مان ڪن ڪان سندس نالو ليکڪن جي لسٽ مان گم ٿي ويو آهي. انهيءَ دور ۾ هن اهڙي ڪابه حقيقت نه لکي هئي جنهن ڪان سندس نالو ٻيهر ماڻهن جي زبان تي اچي. هن کي ضرور ڪجهه نه ڪجهه اکڻ گهرجي. اهو ئي خيال ڪري، هن چيو:

”مسٽر جئفرسن! مون کي اوهان سان همدردي آهي. مان اوين ڪندس؛ مگر اهو آهي جي عوض اوهان کي به مون سان همدردي هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن موم تي منهن جو به ڪافي خرچ ٿي ويندو ۽ وقت به لڳندو.“

”بلڪل، بلڪل، اوهان کي خرچ جي اوس ضرورت پوندي. اسين اوهان کي پنج هزار ڊالر في ڏينداسين. تنهن کان پوءِ اسين اوهان جي ڪتاب جون هڪ لک ڪاپيون ڇپائينداسين ۽ هر ڪاپي تي اوهان کي ڏيڍ ڊالر رائلٽي به ڏينداسين. هاڻ اوهين مرد ٿي حساب لڳايو ته اسين اوهان کي ڇا ڏينداسين.“

ڪئري في الحال ڪو جواب نه ڏنو. مگر پئسن جي ڳالهه سڀ ڪان وڌيڪ آهي.

”ڇا ٿا چئو مسٽر ڪئري؟ مون کي اڄ جو اڄي جواب ڏيو. جي ها ڪريو ته مان اوهان لاءِ پيا بندوبست ڪريان.“

”مون کي منظور آهي“ ڪئري جواب ڏنو.

”نيڪ. ڏاڍو سٺو.“ جئفرسن ڪرسيءَ تان اٿيو ۽

ڪئري جي ڪلهي تي هٿ رکي هن سان دروازي تائين آيو. ”سڀاڻي صبوح جو منهنجو نائب مسٽر هيسٽنگ اوهان وٽ ايندو، ڪاغذن تي صحيحيون وٺندو ۽ وڌيڪ تفصيل اوهان کي ٻڌائيندو.“

ڪئري دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن مسٽر پيٽرسن منهنجو دشمن نه آهي ته پوءِ هيءَ هڪ وڏي خوشي جهڙي ڳالهه ٿيندي. پهرين ڏينهن مسٽر هيسٽنگ هن سان مليو، تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ مسٽر ڪئري هن کي چيو ”.گر مسٽر هيسٽنگ! هيءَ ڳالهه ٻئي ڪنهن وٽ کلڻ نه گهرجي.“

”اوهين بلڪل يقين رکو ڪنهن سان به نه کلندي. ٻي ڳالهه ته اوهان کي ڪٿي به پئسي جي گهرج پئي يا ڪنهن به مدد جي ضرورت پئي ته اوهان جي پوري پوري مدد ٿيندي.“

”مهرباني. هاڻي مان هي مهم پوري ڪري اچان، وڌيڪ پوءِ جون ڳالهيون پوءِ ڪنداسين.“

”خطري جي ڪابه ڳالهه ڪانهي مسٽر ڪئري! اوهين اطمينان رکو.“

پوءِ مسٽر ورگل ڪئري پنهنجو نالو بدلائي ورگل ٻن بار رکيو ۽ مسٽر هيسٽنگ جي ڪوشش سان ڏکڻ ڪئرو لينا ۾ پهچي ويو. جتي هو سيڪڙن ٻوين ۾ پيرتي ٿي ويو. مسٽر هيسٽنگ هن کي ٻڌايو ته غلامن کڻڻ وارا جهاز ڪناري تي اٿين گڏ بيٺا هوندا جيئن ڪاٺ جا بند هڪ ٻئي جي پر ۾ پيا هجن، پر حقيقت ۾ ائين ڪونه هو. چارلسٽن جي بندرگاهه

ڪيس ڏمڪي ڏني ۽ هيا ٿهڪ ڏئي ڪاڻ لڳا. هٿي خلاصي وري بيءَ جو پوتڙو لاهي پري اڇليو. اها به سچي هڪي ٻڪي ٿي وئي. وري ٻيءَ جو ڪپڙو لاٿائون. گوميز انهي کي به ٻنڌڻ تي چماٽ هڻي ڪڍي ۽ ڇوڪريءَ ڪان دانهن نڪري وئي.

مسٽر هارينبي خلاصين کي منع ڪئي ۽ مسٽر مرڊس کي چيائين "هنن عورتن کي نلڪي تي وني وڃو ۽ سيني کي وهنجاريو."

"حاضر صاحب." مرڊس جواب ڏنو. ٿوري دير ۾ خلاصين ۾ ڇؤٻول شروع ٿي ويو. "سمنڊ لاءِ غلام کپي، سمنڊ لاءِ غلام کپي." هرطرف اهو آواز پکڙجي ويو. ٿوري دير ۾ هڪڙي زخمي غلام کي ديڪ مان ٻاهر ڪڍي آيا. هن به ايندي شرط خلاصين کي مارڻ شروع ڪري ڏنو. ناٽا تي وڌي. نيٺ هڪڙي خلاصي ڪيس ران ۾ خنجر هڻي ڪڍيو ۽ هو ڪري پيو.

"مسٽر ولڪيس"! قيدي جي تپاس ڪريو." "حاضر صاحب" سرجن جواب ڏنو ۽ ڏڪ کي جانچي ڏسي چيائين جناب ڏڪ تمام گهٽا لڳل اٿس.

"چڱو، ٻڏوس" ڪپتان حڪم ڪيو ۽ خلاصين هن کي ٻڏڻ جي ڪوشش ڪئي. ايتري ۾ قيدي هنن ڪان ڇڏائي هيٺ ڪئي ٽپو ڏنو ۽ ڏؤ وڃي ڪيائين سمونڊ ۾. ڪجهه دير ڪان پوءِ وري ٻاهر نڪتو ۽ تري جهاز ڏي آيو. ڏهه ٻارنهن چڪر ڏنائين پر ڪتي به ڪيس ڪا اهڙي شيءِ هٿ

هن حالت کان نڪرڻ ٿو چاهيان."

"پيارا بيسو! ترس. اسان جي ڪاڻ اچان ترس. اسان کي تنهنجي طاقت، همٿ ۽ ڀانهن جي ضرورت آهي." آبدوکي نهايت گنڀير آواز ۾ چيو ۽ بيسو کيس ڪو جواب ڪونه ڏنو.

اهتري ۾ ٻيڙي جي مٿان ڪنهنجي ٻڪ ٻوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جهاز لڏڻ لڳو. سنهن سوراخن مان تڏي هوا اندر اچڻ لڳي. جيوبيليشن هلي رهيو هو ۽ لوڏن تي قيدين کي دست ۽ الٽيون شروع ٿي ويون.

ٻيڙي جي مٿان ڪن خلاصين جوئا پئي ڪئي. "ٽي بادشاهه" ٻن بار چيو. ٽن چئن گـل ڪاڏو. بـاقي ٻن بار ۾ هٿرس پتا هٿن ۾ جهليو ويٺا هئا. آخر هٿرس به پتا کوليا ۽ بيسو راند کٽي ويو. هٿرس شو ڪري پڇتايو. خاص رقم رکيل ڪانه هئي. ٻن بار کي هوڙ ۽ به پيسن جو ڪو خيال ڪونه هو. حقيقت ۾ هو به هار کائي ها مگر هٿرس تڪڙ ڪري گل ڪاڏو هو. ڪلاڪ کن کان پوءِ ٻن بار اٿڻ چاهيو. هونئن هن جـي راند ڪرڻ ۾ اوبرٻن به خوش ڪونه هو.

ڪي خلاصي ٻهوٽين تان لٿل هئا. پهرين عورتن ۽ ٻارن کي ڪاڏو کارائي هاڻ ٻيڙي جي ڇت تي اچي ليٽي پيا هئا. ڪن تنبو پٽي ڏاهيا. جيڪي بيڪار ويٺا هئا سي ٻيڙي مان غلام عورتون ڪڍي ڪنڊن ڪوچن ۾ عيش ڪرڻ هليا ويا. هن کان اڳهن رات به انهن حرڪتن کان خلاصي پاڻ

”ڪانہ مرندي مسٽر رنڊال، ڪانہ مرندي.“ پر مان هڪڙي پٺي خلاصي جواب ڏنو. ”برنس ۾ ايتري طاقت ئي ڪانهي جو هن جو ڪجهہ بگاڙي سگهي.“

هوڏانهن ڊن بار بازي هارائي چڪو هو ۽ ڪافي رقم ڏيڻي پئي هيس.

”خلاصي جيڪو جواب رنڊال کي ڏنو تنهن تي سڀ کلڻ لڳا. رنڊال ڪجهہ دير برنس جي حرڪ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ وري اڳيرو ويو.

ڊن بار ٻي بازي بہ هارائي ۽ اهو چئي راند تان اٿيو تہ هاڻ وري سڀاڻي. ”اڄ رات مون تمام گهڻا پيسا هارايا آهن، هاڻ مون وٽ وڌيڪ پيسو ڪونهي.“

”پڪهار تائين مون کان اڌار وٺ.“

”نہ. اوهان جي مرضي آهي تہ بندرگاهہ تي لهان تہ ٺلها هٿ چنڊي لهان ۽ پوءِ وري بہ جهاز تي ڪمايان- سو مان ائين نہ ڪندس- هاڻ بس.“

”اهوئي تہ مزو آهي ڊن بار وري اچڻ لاءِ ٿي تہ اسين سڄو سڄو پڪهار هارايون ٿا.“

”ٺيڪ آهي پر اڄ رات مون بس ڪئي.“

هڪڙي خلاصيءَ چڙ مان پتا ڪٽي ورتا ۽ هن کي چهائين ”چڱو، اٺ اٺ- پڄ.“ ڊن بار تہ اڳئي اٿڻ ۾ خوش هو سو يڪدم اٿي کڙو ٿيو.

پوءِ ڊن بار سيڪنڊ ڪپتان کي ڏسڻ ويو جنهن هن کي نوڪري وٺي ڏني هئي. ڊن بار هن کان تمام گهڻو

ٻڌندو هو. اهڙان هو اڪثر وڏيو ته ٻيڪ مان ڪنهن جي ڏک جو آواز پڌائين- ونجهو وڃي ڏٺائين ته اهو خلاصي نام هو جنهن ڪيس منٿ ڪري چيو "ٻن بار! اڄ رات تون منهنجي پاران ڊيوٽي ڪر- پوءِ سڀان رات مان تنهنجي پاران ٻٻل ڊيوٽي ڪندس ۽ جڏهن به تون حڪم ڪندين مان تنهنجي بدلي ۾ ڊيوٽي ڪندس."

"پڪ؟" ٻن بار پڇيس.

"ها- پڪ."

"چڱو" تون وڃ.

"پر ڏسجان ته متان ڪا گڙٻڙ نه ٿئي!"

"ڪو خيال نه ڪر. بي ڪتڪو هليو وڃ" ٻن بار چيو.

ٻن بار هن جي جڳهه تي ڊيوٽي ڪرڻ لڳو. هڪڙي هنڌ ويهي چانڊوڪي رات ۾ سمنڊ جو نظارو ڏسڻ لڳو. سمنڊ جي سطح تي هن ڪي ڪيئين رنگ ڏسڻ ۾ آيا ۽ هن جي دل کي راحت پئي آئي. ٻن بار ڏاڍو حساس شخص هو. هن دل ۾ سوچيو ته ڇا ڇا نه ڏٺو اٿم ۽ ڪهڙا عجيب غريب واقعا ۽ حادثا ڏٺا اٿم. هن چاهيو ٿي ته اهي سڀ حقيقتون ڊائري ۾ لکي ڇڏيان. مگر ائين ڪرڻ هن لاءِ في الحال خطري کان خالي ڪونه هو تنهنڪري سڀ ڳالهيون برزبان ياد ڪندو ويو ۽ دل جي پٽيءَ تي لکندو ويو. چارلسٽن جي بندرگاهه کان وٺي اڄ تائين هن خلاصين جا جيڪي ڪارناما ڏٺا هئا، سي هن اکين ڏٺي ڪنهن به گروهه ۾ نه ڏٺا هئا. هنن ۾ ڪو حيا يا شرم يا اخلاق هن کي ڏسڻ ۾ نٿي آيو. هو

ٿي پئي هئي. هو بيمار ٿي پيو هو. سندس اکيون رونق ڇڏي ويون هيون جن ۾ ڪاٻه چمڪ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي ۽ اکيون خشڪ ٿي ويون هئس.

”مسٽر ڪائن!“ ڪپتان ٻلي ميز کي ڏسي چيو.

”هن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڪناري تي لاهي ڇڏيو. پوءِ جيڏانهن وڻيس تيڏانهن هليو وڃي.“ ڪپتان جو اهو حڪم ٻڌي ٻلي ميز کي رقتي وڻي وئي. ڪيس هن جڳهه جي اڪيلي خبر هئي. ويتر هو اڳهئي بيمار هو. تنهنڪري هن تي خوف طاري ٿي ويو. تنهنڪري نهايت عاجزيءَ سان ڪپتان کي منٿون ڪندي چيائين. ”ڪپتان صاحب! مونکي هتي ڇا ڇڏيو؟ هتي مان هڪڙي هفتي ۾ مري ويندس. ڪپتان صاحب! منهنجي حال تي رحم ڪريو. مونکي هتي نه لاهيو. ڪپتان هتي مان مري ويندس.“ هن جي منٿن جو ڪپتان جي دل تي ڪو اثر ڪونه ٿيو ۽ مسٽر ڪائن کي اک سان اشارو ڪيائين ”لاهيوس ٻيڙيءَ ۾.“

”ڪپتان، ڪپتان صاحب، مان مري ويندس. رحم ڪريو رحم ڪريو. ڪپتان رحم ڪريو.“

ڪپتان نهايت مغرور نموني ۾ مسڪرائيندي ٻلي ميز کي چيو ”هون توکي هتي نه ڇڏيون، هتي نه ڇڏيون ته، ڀلا ڪٿي ڇڏيون توکي؟“

”ڪپتان رحم ڪريو“ هن روئندي عرض ڪيو.

”پوءِ توکي اصلي بندرگاهه تي وٺي هلون. اتي توتي ڪيس هلائي ڦاسي ڏئي ڇڏيون. انهيءَ ۾ راضي آهين؟“

ڪرومنتي قوم جا آهن- هنن ۾ ايڏي چڙ ۽ جهيڙو ڪونهي.“
”ڇا هن بندرگاهه تان جيڪي غلام ڪنيا اٿئون سي، ڪرومنتي آهن؟“
”ها.“
”ته پوءِ ڇو نه سڀ غلام هتان ئي خريد ڪيا وڃن ها. اجايو اهڙن اڙانگن ۽ باغي ماڻهن جي پٺيان وقت به خراب ۽ حياتي جو به خطرو، ملهه وٺڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟“
ولڪس سگريٽ دڪانئي هڪڙو ڪش هڻي تورو ڪليو ۽ چيائين ”جانور جيترو وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي اوترو ئي وڌيڪ سندس شڪار ۾ مزو ايندو آهي- ٻي ڳالهه ته اهي خطرناڪ شيدي ٻين کان وڌيڪ ڪارائتا آهن- جڏهن مالڪن وٽ هري مري ٿا وڃن ته انهن کان وڏا ڪم ورتا ويندا آهن- هي پڙهي لکي به جلد ٿا سکهن ۽ هر ڳالهه چڱي طرح سمجهي به ٿا سگهن جنهن ڪري منيجر، اوورسيئر ۽ ٻيون اهڙيون ڊيوٽيون سنڀالي سگهندا آهن- باقي جيڪي سادا سودا آهن سي بلڪل اهوجهه آهن ۽ ڪوبه خاص ڪم ڪري نه سگهندا آهن- تنهن ڪري انهن جو اگهه به اشانٽين کان گهٽ آهي.“
”اڇا! ڀلا هي ڪرومنتي ڪهڙن آهن.“
”ڪرومنتي به هوشيار ۽ چالاڪ آهن- پر هنن جهڙا ڪينهن. گهڻا سال اڳي هي به هڪڙي زبردست قوم هئي- نهايت جهيڙاڪ ۽ مغرور، مگر هي نمات جا دشمن ٿيندا آهن، پاڙيسرين ۽ هڪ جهڙن پاڻرن کي قاساتي وڪندا هئا.

يورپي مالڪن کي غلام کپندا هئا ۽ هي شيدي پنهنجا هم
جنس ڀائر وڪڻي انهن جي بدلي ۾ بندوقون ۽ تلوارون
حاصل ڪندا هئا. هٿيار معنيٰ فوجي قوت، ۽ پوءِ انهيءَ
قوت جي آڌار تي پاڻ کي ٻين جي هٿان پڪڙجڻ ۽ غلام
بڻجڻ کان بچائيندا هئا. پنهنجي بچاءَ لاءِ هنن کي هٿيارن
جي ضرورت هئي ۽ هٿيارن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کي جهلي
وڪڻندا هئا. اهڙي طرح بادشاهي- غلام- بندوقون ۽ شڪاري
هن واپار جا اهم پهلو آهن. باقي اشانتي، سڀ وڏا بدمعاش
شيدي آهن. جڏهن به جهلجندا آهن تڏهن بغاوت ضرور
ڪندا آهن جنهن ۾ پاڻ به مرندا آهن ۽ شڪارين ۽ واپارين
کي به ماريندا آهن. سون هميشه اثين ڏنو آهي ته اشانتي
بغاوت ڪندا رهندا آهن. مگر جيڪي نه ٻين کان وڌيڪ ڪم
وارا آهن تنهن ڪري انهن جو اگهه سٺو آهي.

غلامن کي ٻيڙين ۾ بند رکندي ڪافي وقت گذري چڪو هو ۽ بندرگاهه ۾ هاڻ ويجهو هو تنهن ڪري هاڻ انهن کي تندرست رکڻ لاءِ ۽ هيرائڻ جي خيال کان ڪجهه سهولتون ڏيڻ ۾ آيون. مرد غلامن سان اڌ جيترن کي جهاز جي ڇت تي آندو ويو. هڪڙو خلاصي ڊمر وڄائڻ لڳو. ٻيا تاڙيون وڄائي رهيا هئا ۽ غلامن کي حڪم ٿيو ته خوب نچو ۽ ڊانسون ڪريو. هنن نچڻ نٿي چاهيو جنهن تي هنن کي وري ٻه ڇهبڪن سان ڪنٽي زوري نچڻ تي مجبور ڪيو پئي ويو. آڏوڪي کي ٻه ٻاهر ڪڍيو ويو هو. هن سوچيو ته اسان کي ٻاهر ڪڍي هنن پنهن جي موت کي پاڻهي دعوت ڏني آهي ۽ انهي مان هنن کي ڪا ڇڳائي نه رسندي. خلاصين هنن کي انهي خيال سان پئي نچايو ڪڏايو ته جيئن سندن ڪسرت ٿئي ۽ ٻيڙين ۾ بند رهڻ ڪري سندن بدن ڪڙجي پيو هوندو سو کلي ۽ پيو ته جيئن سندن خوف ٻه لهي ۽ هري مري وڃن ۽ حڪم جي بجا آوري ڪري سگهن. شيدين کي هن نچڻ سان ڪو مزو ڪونه ايندو هو ۽ اها هنن لاءِ ڪا خاص ڪسرت به ڪانه هئي. ويتر نچڻ ٽپڻ سان هنن جي پيرن جا .ريا ڦٽجي ٿي پيا. آڏوڪو هتي ٻه صبر کان ڪم وٺي رهيو هو ۽ دل ۾ خوش هو ته من ڪڏهن هي لوهه لڳن ٿان لهي. جنهن هنن کي جڪڙي ڇڏيو آهي

”ڪيوڪي ملول نہ ٿي وقت اچي پيو. ڪل ۽ خوش ٿي، تہ جيئن هي سمجهن تہ اسان جي دل ۾ ڪا بہ بدنيتي ڪانهي.“ ڪيوڪي توب واري ڏي ڏسي چيو ”او باندرن جا اولاد ياد رکجو، هاڻ اسين اوهان جون مڪڙن وانگر ڪڇيون پٽيندا سين- هوشيار رهجو.“ ڪيوڪي اٿين چئي زور سان ٽهڪ ڏنو جهڙوڪر هن ڪا مذاق جهڙي ڳالهہ ڪئي هجي.

”خاموش بيوقوف، ايڏو زور سان نہ ڪل ۽ اهڙيون ڳالهيون وڏي آواز سان نہ ڪر.“ هڪڙو غلام جنهن کي چيلهہ ۽ ڇاتيءَ تي ڏنڀوڙين جا نشان هئا سو خوف کان هنن ڏي ڇتائي ڏسي رهيو هو.

”هيوڪي اسان ڪانسواءِ جيڪي بيا غلام آهن- تن ۾ بہ ڪي اهڙا آهن جيڪي پنهنجي ٻولي سمجهن ٿا- انهن کي اڪيلائي ۾ هوشيار ڪجانءِ.“ آبوڪي ڪيوڪي کي آهستي چيو.

”ها- پوءِ اهي وري پنهنجن سائين کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سمجهائيندا.“

”ها، پر هڪڙي ڳالهہ جو خيال رکجانءِ هنن ۾ ڪي ڊچڻا بہ اٿئي، متان ڊپ کان سڄو منصوبو گورن تائين نہ پهچائي ڇڏين.“

”نہ نہ، اٿين نہ ڪندا. هو بہ تہ آخر غلام ئي آهن.“

”برابر پر بزدل غلام پاڻ کي بہ مارائيندا.“

”مگر هو بہ تہ هتان آزاد ٿيڻ ۾ خوش ٿيندا.“

”ٽهڪ آهي مگر پاڻ اڻانٺي آهيون- سڀ پاڻ جهڙا ڪينهن.“

”اهانتي ته برابر ڪينهن مگر غلام ته آهن. يورپي ته ڪونهن جو پاڻ کي ڇڏي هنن جو ساٿ ڏيندا.“

”نه اهي پنهنجي ڪا مدد نه ڪندا.“

”مگر آڳوڪا اهي پاڻ سان ان وقت ملي ويندا جڏهن پاڻ کي ڪاميابي جي بلڪل هڪنار ڏسندا.“

”ان وقت پاڻ کي انهن جي ڪا پرواه ڪانه هوندي.“

”خير انهن سان في الحال اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ڪجي پر اوساڻي صاحب پاڻ کي ڪهڙي طرح هن ڪم ۾ هٿ وجهڻ کپي. اوهين به ڏسو پيا ته هڪڙو نه پر يورپي سرڪار توب جي مٿان تيار ويٺو آهي.“

هنن غلامن کي فقط اهي هڪڙي ننڍي توب جي صبر هئي باقي به وڏيون توبون جيڪي ختم ٿيون ۽ بيڪار هيٺ لڪل هيون تن جي هنن کي ڪا خبر ڪانه هئي. اها ننڍي توب اهڙي هنڌ رکيل هئي جتي مرد غلام هر وقت ايندا ويندا هئا.

”خير، ڪونه ڪو رستو ضرور پاڻ کي به هٿ اچي ويندو. في الحال انهيءَ ڳالهه تي سوچيو ڪونهي- اول ماڻهن کي هوشيار ڪرڻو آهي ۽ پيو نه ڪو ڏنڊو ڏڪو يا ڪو جهڙو ڪو اوزار هٿ لڳي ته اندر ڇڪي ۽ لڪائيندا ڪڏ ڪندا وڃو.“

”اسان هڪڙو ڪاٺ جو ڇورو ڪالهه ڪي اندر لڪائي رکيو آهي.“

”بس، فقط هڪڙو ڇورو هٿ لڳو اٿو؟“

انهي مان چار دفعا شراب جي ڏيپ آئي آهي. اهو پاڻ وڏيڪ سنو. اهو شرابي سيني کان پهرين پنهنجو شڪار ٿيندو. اهو مونکي ٻه اک ۾ آهي.“

”ها. انهي جا هٿيار پنهنجا آهن“ ڪيوڪي چيو.

”هيو جيڪو جهاز جي ڪناري تي بيٺو آهي. سو ٻه واڻڙو اٿئي. انهي کي رکو تورو لوڏو ڏبو ته هيٺ پاڻي ۾ وڃي ڪرندو“ ڪيوڪي انهي پهريدار ڏي اک سان اشارو ڪندي چيو.

آدوڪي پهريدار کي ڏسي مرڪي چيو ”ها، اهو لوڏي وهيٺو آهي. هڪڙي ڌڪي سان پورو ٿي ويندو ۽ انهي سان گڏ انهي شرابي کي به ڌڪو ڏبو. خوش قسمتيءَ سان اهي ٻئي هڪ ٻئي کي ويجها بيٺا آهن.“

”آدوڪا، جنهن وقت حملو ڪنداسين ته سڀ هڪ ٻئي سان گڏ هونداسين.“

”ها. مگر ٻيا بورهي ته پري پري بيٺا آهن. جنهن مهل هنن ٻن کي ماريندا سين ته ٻيا حرامي يڪدم هوشيار ٿي ويندا ۽ بندوقن سان فائر ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. تنهنڪري هن مهل ڳالهه ڪجهه مشڪل آهي.“ ”مشڪل ڇا آهي. مشڪل ته اها آهي جو اسين غلام آهيون.“

”اوسائي هيو جيڪو اوچا ڪپڙا تو پاتي ۽ ڊيڪ جسي چت تي بيٺو آهي، سو شايد سيني کان وڏيڪ خطرناڪ آهي. هي سيني اڳوائن جو به اڳواڻ آهي. تنهن مان سمجهجي تو ته سيني کان وڏيڪ خطرناڪ آهي. منجهس ضرور ڪا

مرمت، ڪنداسين.“ آڏوڪي دل ۾ چيو ۽ هن کي ڏاڍا خار وٺي ويا هئا. ڪجهه دير کان پوءِ اڪيون کوليائين ۽ ڏٺائين ته پهريدار چوڪرنيءَ کي پري ڌڪو ڏنو ۽ شلوار جو اگهٽ ہڏي ڇڏيو. آڏوڪي دل ۾ چيو ”وقت آيو ته اسين انهي جو اهو نفس وڏي سنڌس وات ۾ وجهنداسين. اڄ اوهين اسان جي عزتن تي حملا ڪري رهيا آهيو شايد سڀاڻي اسين شيدي خود اوهان سان اها ئي حالت ڪنداسين.“ ٿوري دير کان پوءِ اهو چوڪر و آڏوڪي جي پٽ تولي کي وٺي هن وٽ آيو ۽ تولي پيءُ کي اچي هٽ سان جهليو ۽ پاسي ۾ بيٺو رهيو. آڏوڪي ڪجهه دير تائين هن جي منهن ۾ ڏسندو رهيو. ڪيوڪي آڏوڪي کي پڪا هو ته پهريون ڏنبو تنهنجي پٽ لڪائي رکيو آهي.

”ها پٽ؟“ آڏوڪي پٽ کان پڇيو جنهن ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.

”مونکي تو جهڙي پٽ تي فخر آهي.“

”بابا، تون به هنن کي مارينديں نه!“

”ها.“

”بابا، مان تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهندس“ ”پاڻ سڀ گڏجي هنن کي ماريندا سين. جي تون به اسان سان گڏ هوندين ته پاڻ وڏيڪ خوشي جهڙي ڳالهه ٿيندي.“

”ها بابا، مان ته ضرور اوهان سان گڏ هوندس.“ آڏوڪو پٽ جا هي لفظ ٻڌي بهار بهار ٿي ويو ۽ خوشيءَ وچان ڪمس نراڙ تي چميون ڏيڻ لڳو.

”بابا. پلا اوهين هنن کي ڪڏهن ماريندا؟

آهن بلڪل تندرست ۽ چڱا ڀلا." پوءِ ڪپتان ٻيڙيءَ واري شيدي سان ڳالهائيندي چيو "ها، هاڻ ٻڌاءِ ڪيترا پيسا؟"

"ڪپتان صاحب، في غلام هڪ بندوق، هڪ خنجر ۽ پنجاهه ڊالر ڪپڙو."

"نه ايتري رقم نه ملندي."

"اوهين ڇا ڏيندا."

"مان في غلام فقط هڪڙي بندوق ڏيندس."

"ڪپتان صاحب، اهو ملهه بلڪل گهٽ آهي."

"اسين انهي ڪان مٿي نه ڏئي سگهنداسين، ٻيا واپاري به انهي کان مٿي هرگز ڪين ڏيندو. ڪهڻ مسترڪائڻ!"

"ڪپتان صاحب، انهي کان مٿي نه ڏيندا." "اسان بلڪل مناسب پئسا ٻڌايا آهن" ڪائڻ چيو. شيدي چڙي پيو ۽ چيائين "رڳا اوهين آهيو ڇا، ٻيا به، ڪهڻ واپاري آهن. اوهان ڪي حرام ڪپي. اوهين حرام خور تا ڏسڻ ۾ اچو."

ڪائڻ: "بڪواس بند ڪر." شيدي يڪدم تلوار ڪڍي سامهون ٿيڻ واري ڪئي.

"اسان کي غلام نه ڪپن. ختم ڳالهه" ڪپتان چيو.

پوءِ شيدي ٻڪ ٻڪ ڪري غلامن کي واپس ٻيڙيءَ ۾ ويهاري هليو ويو.

ٻي رات هڪڙو غلام ڊن بار کي مدد ۾ ڏنو ويو ۽ ڪيس حڪم ڪيو ويو ته هن ڪان به ڪم وٺ ۽ پهرو جاري رکــ. ٻيا سڀ خلاصي سمهي پيا هئا. ڊن بار کي بــ ننڊ

"اتي ويهه" هو اکبرن هٿ ڪري اتي ويٺو.

"تون ڇالاءِ ٿو اها ڇوڪري خريد ڪرين؟"

ڊنبار ڪو جواب ڪونه ڏنو. ڪپتان وري چيس "ڇوڪري جي قيمت ڪيتان آلهندين؟" ڊنبار يڪدم ڳالهايو "مون وٽ رقم آهي. اوهين جيترا پئسا چوندا اوترا مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." وري دل ۾ خيال ڪيائين ته متان ڪپتان چڙي نه پوي يا ڪو ٻيو مطلب سمجهي. تنهن ڪري چيائين "مان هن جي عيوض ۾ پنهنجو سمورو پگهار ڏيندس."

"پگهار مان ڪجهه به نه ٿيندو. هن جي قيمت گهڻي آهي." ڪپتان چيو.

"ته پوءِ منهنجو پگهار سوڌي طور رکو باقي رقم بندر تي هلڻ شرط اوهان کي ڏيندس. مون ڪجهه رقم بچائي بئنڪ ۾ جمع ڪري ڇڏي آهي."

ڪپتان مسڪرائيندي چيو "مطلب ته هلندي رستي هڪ غلام ڇوڪريءَ جو تون غلام ٿيڻ وٺين." ڊنبار سوچيو ته جواب ڏيڻ سان ڏيانس پر ڇڪائي ڪانه ٿيندي. تنهن ڪري چيائين "ها صاحب." ڪپتان پڇيس "تنهنجي ذات ڪهڙي آهي؟"

"ورڪل."

"ورڪل. چڱو، ترس." ائين چئي پر واري ڪئبن مان رسيد بڪ ڪڍيائين ۽ ڊنبار کي ڏنائين. ڪندي چيائين "جيڪڏهن بندرگاهه تي هلي يڪدم سڀ پئسا نه ڏنا اٿئي

والڪس: "ها پرشيدين جو شڪار دلچسپ آه."

هولسٽر: "مونکي به ڏاڍو مزو ايندو آه مون پنهنجي زندگي انهي شڪار ۾ گذاري آهي." پوءِ سرجن ولڪس هن کي گهڻو ڳالهائڻ کان منع ڪئي. ايتري ۾ ماني کائڻ جي گهنٽي وڳي ۽ سڀ غلام قطار ۾ ٿي ويٺا ۽ ماني کائڻ لڳا. هنن کي کائيندو ڏسي هولسٽر چيو: "شيدي به وڏي بي وقوف مخلوق آهي."

"هل پر ان سان گڏوگڏ خطرناڪ به ڏاڍا آهن"

ولڪس چيو، "ڪنهن مهل مان اوهان کي هنن جو رنگ ڏيکاريندس."

"مون کي ڏيکاريندين." هولسٽر تعجب مان پڇيو. ٿوري دير ۾ هڪڙو خلاصي ڊوڙندو آيو ۽ سرجن ولڪس کي چيائين، "جناب مسٽر مرڊس اوهان کي سڏي پيو. هڪڙو غلام بلڪل ماني نٿو کائي."

"ڪٿي آهي اهو غلام؟" ولڪس خلاصي کان پڇيو.

"ٻئي نمبر ڊيڪ ۾."

"ٺيڪ آهي. هاڻ تون مسٽر پيٽرسن وٽ وڃ ۽ چئينس ته پاڻ به اچي ۽ منهن جي بئگ به کڻي اچي."

ولڪس مسٽر مرڊس ڏي ويو ته ايتري دير ۾ ڪي خلاصي هڪڙي غلام کي ڊيڪ مان ڪڍي مٿي کڻي آيا. هو بلڪل ساڻو ٿيو پيو هو ۽ اکيون بند هئس، نڪ مان به رت پئي وهيس.

"ڇا هي هوش ۾ آهي؟" ولڪس پڇيو.

مرڊس چيو ”ها- هوش ۾ آهي.“ ائين چئي غلام کي ٻاهرائين ۾ لت هڻي هن کان پڇيائين ”ڪئپٽن، آهين نه هوش ۾؟“ غلام اکيون کولي هن سيني کي پنهنجي مٿان بيٺل ڏسي وري اکيون بند ڪري ڇڏيون.

”هي گهڻن ڏينهن کان ماني نٿو کائي؟“

”اسان کي خبر نه آهي. اسان ته هن کي اڄ صبح جو هن حالت ۾ ڏٺو آهي.“ پوءِ سرجن هن جي ڇاتي ٺوڪي ڏٺي ۽ ڪن رکي ڏٺائين. پيٽ کي ٺوڪي ڏٺو ۽ پوءِ چيائين ”شايد ٻن ڏينهن کان هن ڪجهه به نه کاڌو آهي.“ ٽام جان بئگ کڻي آيو. هولسٽر به ڪئبن مان نڪري مٿان اچي بيٺو. ولڪس غلام جي ڇاڙين کي هٿ هڻي ڏٺو ۽ خلاصين کان پڇيو ”اوهان هن کي ماني کارائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟“

”ها- صاحب، اسان ڪوشش ته ڪئي آهي پر هي صفا ماٺ ٿيو پيو آهي.“ هولسٽر ويجهو ٿي چيو ”ڇو نه کائيندو ماني؟“ ولڪس کيس چيو ”هي بيهوش آهي تنهن ڪري ماني کائي نٿو سگهي- حقيقت ڪري هن خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ بک جي وگهي مرڻ ٿو چاهي- هو وڌيڪ زنده رهڻ نٿو چاهي.“

”واقعي! ڇا ائين ممڪن ٿي سگهي ٿو؟“

”ها“ پوءِ غلام جي تپاس ڪري هن کي کاڌي کارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پهرين هن کي ڳچيءَ تي زور زور سان چماٽون هڻڻ ويون. جنهن تي هن اکيون

”چا تہ انهي جو مطلب اهو آهي. پلا اوهان وٽ ڪٿان جا ڪاغذات آهن؟“ هن هارينبي کان پڇيو. ”آسان وٽ بہ آمريڪا جي رجسٽرى آهي.“

”تہ پوءِ اوهين بہ ڪو فڪر نہ ڪريو. اوهين بہ بچي ويندا.“

”بچي تہ ويندا سين پر بشرطيڪ اهي سچا هجن.“

”مگر اوهين بہ بچي ويندا. فڪر ڪرڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي.“

”چڱو ڪپتان صاحب، هاڻ مونکي بہ هلي پنهن جي جهاز تي حاضر ٿيڻ گهرجي.“ هارينبي چيو.

”چڱو مسٽر هارينبي، خدا حافظ“

”خدا حافظ“

هارينبي جيو بيليشن تي موٽي آيو. مسٽر مردس اڳ ۾ ئي ڏماڪي جو آواز ٻڌي هوشيار ٿي ويو هو ۽ پنهنجا ماڻهو سڙهن تي مٿي چاڙهي ڇڏيا هئائين تہ فريگيٽ جي جانچ وٺن ۽ پاڻ هارينبي جو انتظار ڪري رهيو هو.

”مسٽر مردس! چا خبر آهي؟“

”ڪپتان صاحب، پيٽن جي چوگرد ٽي جهاز پيا ڦرن. هنن تي برطانيہ جو ڪو بہ نشان ڪونهي. خبر نٿي پئجي سگهي تہ برٽش جا آهن يا پيا آهن.

”خير، ڪنهن جا بہ هجن، اوهين آمريڪا جا جهندا مٿي چاڙهي ڇڏيو.“

”حاضر صاحب، پلا غلامن لاءِ چا حڪم آهي. انهن

جهلجي پيو.

”آگبوٽ ڀاڻ ڏي پيو اچي، صاحب!“ ڪرڙي خلاصي دانهن ڪئي. آگبوٽ فرگيٽن ڪان ڏار ٿي جيوبيليشن ڏي موڙو کاڌو ۽ دونهان ڪڍندو هنن وٽ اچي پهتو. آگبوٽ تي ڇهه توبون ڦٽ ٿيل هيون جن ۾ چار هاڪيون هيون باقي ٻه ٽيهن ٽيهن پائونڊن جا گولا اڇلڻ واريون هيون.

”هلندا هلو، هلندا هلو“ هارينبي حڪم ڪيو. آگبوٽ هنن کي بيهڻ لاءِ سگنل ڏنو.

”ڇا خيال آهي، ڪپتان صاحب!“ مرڊس پڇيو. هارينبي ڪو جواب ڪونه ڏنو. غلام جهاز جي ڪنارن تان بيهي برٽش جهاز کي ڏسي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏئي اڳيان بيهڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. خلاصين هنن کي ڏنڊا هڻي، هيٺ ويهي رهڻ لاءِ چيو. سڀ اوڪڙو ويهي رهيا ۽ ڪنڌ مٿي ڪري وري به جهاز کي ڏسڻ لڳا. ايتري ۾ برٽش نيوي توب جو گولو هنن ڏي اڇليو، جيڪو جهاز کان ٿورو پري وڃي پاڻيءَ ۾ ڦاٿو ۽ پاڻي مٿي اڀري ويو. اهو ڏسي سڀ خلاصي خودبخود ڊيڪ ۾ لڪي ويا.

”ٺيڪ آهي، مسٽر مرڊس جهاز جو رخ هنن ڏي ڪريو، ۽ ويجها هلو. اڄ انهن کي به ڏسي رهبو“ هارينبي غصي ۾ مرڊس کي حڪم ڏنو جنهن جهاز جو رخ آگبوٽ ڏانهن ڪيو ۽ هنن ڏي وڌڻ لڳا.

آگبوٽ هنن جي ويجهو آيو. بلو ڪپڙن ۽ گول ٽوپين

ڏارا برٽش نيوي جا سپاهي بندوقون هٿن ۾ ڪريو تيار بيٺا هئا. جهاز تي "پيريگرائين" نالو لکيل هو. نيوي جو ڪپتان پنهن جي سپاهين سميت پيڙيءَ ۾ چڙهي جيوبيليشن جي بلڪل ويجهو اچي بيٺو ۽ مائيڪ وات تي رکي هارينبي کي چيائين "ڏاڪڻ هيٺ لاهيو. اسين مٿي اچڻ ٿا چاهيون."

"اوهان کي آمريڪا جي جهازن تي چڙهڻ جو ڪو حق ڪونهي" هارينبي هٿن کي گول ڪري وات تي رکي نيوي جي ڪپتان کي جواب ڏنو.

"اسين اوهان جا ڪاغذات چيڪ ڪرڻ ٿا چاهيون".

"ڪهڙي سبب ڪان؟" هارينبي پڇيو.

"شڪي حالت سبب."

"مگر اها سراسر بي واجبي ٿيندي."

"جيڪڏهن اوهين ڪاغذات ڏسڻ نه ڏيندا ته اسين سمجهنداسين اوهين آمريڪن نه آهيو. انهي حالت ۾ اوهان جو جهاز ضبط ٿي سگهي ٿو ۽ اوهان تي فائرنگ به ڪري سگهجي ٿي" نيوي واري ڪپتان صاف لفظن ۾ چيو.

هارينبي کي غصو ته تمام گهڻو لڳو پر ڄاڙيون ڀڪوڙي، منهن ۾ گهڻو وجهي خلاصين کي چيائين "ٺيڪ آ، اوهين ڏاڪڻ هيٺ لاهيو." هنن ڏاڪڻ لاٿي، نيوي جو ليفٽيننٽ ٻه سپاهين سان گڏ مٿي چڙهي آيو. پر هارينبي هن سان هٿ نه ملايو. مان ڪيو هڪڙيئي هنڌ بيٺو هو. غلام ٻيڪن ۾ ۽ ڊيڪن جي ٻنين لڏائي ويا ۽ اتان گجيون

ڪو فڪر نه ڪر، هاڻ مان تو وٽ ويٺي آهيان. مان تنهن جي خدمت ڪندس. نه گهبراءِ." ٻارڙو ٻاهر ڪڍي ليانا وات سان هن جو نازو ڪتري ڳنڍ ڏني ۽ ٻار کڻي هن جي ڇاتين سان لاتائين. پوءِ هن جا رت پٽ اگهي صاف ڪري هن کي ليٽائي پاڻ هلي وئي. عورت کي تڪليف ڏاڍي هئي ۽ سڄي رات دانهون ڪري ڪري سمهي رهي.

صبوح جو خلاصي عورتن کي ڏيک جي مٿان وئي وچون لاءِ آيا ۽ سيني کي ٿڌا هٿندا اتاريندا ويا. جڏهن عورت وٽ پهتا ۽ ٻار سندس ڇاتيءَ تي هن جي ٻانهن ۾ چنبڙيل ڏٺائون ته ٻار کي هٿ لائي ڏٺائون. هن جو بدن بلڪل ٿڌو محسوس ڪري پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهايائون. ليانا ... اٿي هن عورت ڏي ڏٺو. هن جو وات کليو پيو هو ۽ ... ي ڪنيائين. ٻار جو منهن هن جي ڇاتين جي وچ ۾ ... پيو هو. هين تمام گهڻو رت هاريو پيو هو. ليانا ... آئي ۽ هن عورت ۽ ٻار جي مٿان ٿي ... ڪري سگهي ته ڪو هي اهائي عورت ۽ ٻار آهي جنهن سان ... هن ... ڪئي هئي. آخر ... تي خلاصي لاش ... کڻي ... ٻار جيئن جو تيئن هن جي ٻانهن ۽ ڇاتي ۾ ... پيو هو ۽ خلاصين هن کي ... سان ... اچي ڇڏيو.

ليانا ... ويٺي هئي ۽ رات ... منظر ... رنج ۽ غم ... وري پنهنجي حال تي ...

هن کي ٻن بار بابت بہ ڪئين شڪ شبها پيدا ٿي رهيا هئا. ٻن بار ڪير آهي؟ ڇا آهي؟ سندس همدردي جو مقصد ڇا آهي؟ وغيره. هن کي فقط اها خبر هئي تہ هو سندس حفاظت ڪري ٿو ۽ ٻين کان بچائي ٿو. انهي ڪري ڪيس مٿس ڪجهہ ڀروسو ۽ اعتبار ٿيو ٿئي. شايد هو هن سان محبت ٿو ڪري. يا حقيقت ۾ ٻن بار فقط هڪڙي راند کيڏي رهيو آهي ۽ هاڻ هو انهيءَ راند مان بہ ڪڙهو ٿي پيو آهي. هاڻ هو سندس حفاظت بہ نٿو ڪري ۽ ٻين سان گڏ پاڻ بہ هن تان ڏاڍون ٿو ڪري. جي ڪير هن کي ڇمات ٿو هڻي يا ڇيڙ ڇاڙ ٿو ڪري تہ هو ان کي ڪا منع نٿو ڪري. ڇو؟ هاڻ ليانڊا کي بہ هن کان نفرت ۽ ڌڪار پيدا ٿيڻ لڳي هئي.

سرجن ولڪس ننڊ ۾ ستو پيو هو تہ اوچتو ڪنهن سندس در تي ٺڪ ٺڪ ڪئي ۽ هو ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿيو. در کولي ڏٺائين تہ ڪپتان هارينبي ۽ مردس در تي بيٺا هئا.

”اچو، اچو ڪپتان صاحب، پيو تہ سڀ خير آهہ.“

”ها سرجن صاحب، اسان جو هڪڙو مريض آهي؛ انهي کي اوهان جي علاج جي سخت ضرورت آهي“ ڪپتان چيو.

”هڪڙو منٽ.“ هن گائون ڇڪي پڌو. بتي ٻاريائين. دوائن جي بيگ کڻي دوائون چيڪ ڪري ڪپتان کان پڇيائين ”اوهان جي مريض کي ڪهڙي تڪليف آهي؟

مريض ڪير آهي؟"
ڪپتان هن جي بيڊ تي ويهي هن کي چيو "سرجن صاحب هڪڙو منٽ ويهو. مردس تون به ويهه." بئي ويٺا.
هارينبي همٿ مليندي ڳالهه ڪئي، "مسٽر ولڪس! اسان وٽ ٻه مسافر لڪل آهن جن جي خبر هوا، انهن جي ۽ مسٽر مردس جي، بئي ڪنهن کي به ڪانهي."
سرجن نهايت عجب وچان پڇيو "ڪير آهن؟"
"مسٽر ولڪس، ڇا اوهان چارلسٽن کان ٻاهر مائونٽ سيليسشل جو خفيه قيدخانو ڏٺو آهي؟"
"ها، اهو ته هڪڙو ناجائز جيل خانو آهي!"
"ها، اها هڪڙي بدنام ۽ بدترين جڳهه آهي، ٺيڪ آهه. تان اسان سفيد چمڙيءَ واريون پنج لاوارث ڇوڪريون خريد ڪيون آهن."
"لاوارث ڇوڪريون، ڇا مطلب! اوهين انهن کي ڇا ڪندا؟"
"سڀ ڇوڪريون ٻارنهن ۽ چوڏهن سالن جي عمرين جون آهن. اسين انهن کي "بن احمد" وارن کي وڪڻي ڇڏينداسين."
"بن احمد کي! ڇو؟ مسٽر هارينبي، هي اوهان ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟ اوهين انهن کي رنڊيون ۽ لونڊيون بنائڻ ٿا چاهيو؟ اوهين انهن کي ڪارن جانورن جي حوالي ڪرڻ ٿا گهرو؟ مسٽر ڪپتان، مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي- اوهان هنن سان ظلم ٿا ڪريو. هي سراسر ظلم آهي- ظلم"

سرجن عبرت ۾ پئجي ويو. ڪپتان تڏو تـي ولڪس کي
سمجهائڻ لڳو ”مسٽر ولڪس، اسين انهن کي شيدين جي
حوالي نٿا ڪريون. دل نہ لاهيو. اج تائين اوهان اهو ڪڏهن
بہ نہ ڏٺو هوندو تہ اچي چمڙيءَواريون ڇوڪريون شيدين کي
وڪڻي ڏنيون ويون هجن. اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي. اوهين
يقين رکو مان خود انهي خيال جو ناهيان. مسٽر ولڪس!
اوهين ٿورو انهي جيل خاني جي زندگي تي غـور ڪري
ڏسو. جتي هنن بدنصيب ڇوڪرين کـي ڪير پسند نٿو
ڪري ۽ هو نهايت ذلت جي زندگي گذارين ٿيون ۽ اتي
هي لاوارث ڇوڪريون هنن شيدي غلامن کان بہ وڌيڪ
بري حالت ۾ مبتلا آهن. بن احمد جهاز جـا واپاري هنن
ڇوڪرين کي مشرق وسطيٰ جي امير ماڻهن وٽ وڪڻندا.
جيڪي اڇي چمڙي تي عاشق آهن ۽ وڏو قدر تا ڪن.
انهن وٽ هي ڇوڪريون راڻيون ٿي رهنديون. اتـي هنن
جي وڏي حفاظت ۽ عزت ٿيندي. اتي هي اهڙي عيش ۽
آرام سان رهنديون جو شايد اسان جي پنهنجي ملڪ جون
عورتون بہ نہ رهنديون هونديون.“ ڪپتان اتـي، ولڪس
جي ڪلهن تي هٿ رکي وري چيو ”اوهان کي سڄي خبر
آهي؛ اسان هنن جي ڀلائي خاطر سڀ ڪجهہ ڪري رهيا
آهيون، اسان هنن کي ظلم جي منهن مان ڪڍي آيا آهيون.“
”ٺيڪ آهي مسٽر هاريئمبي، مگر مـان نٿو سمجهي
سگهان؛ مونکي اها ڳالهہ نٿي وڻي.“
”پر سرجن صاحب علاج جي لاءِ ڇا ٿا چئو؟“

”خير، جيڪي اوهان ڪيو سو ڪيو، هاڻ انهن جو علاج ۽ انهن جي سنڀال ته ڪرڻي پوندي.“ سرجن پڳل دل سان جواب ڏنو.

ڪپتان وري چيس ”برابر، اوهان کي ڪجهه ڏک محسوس ٿيو هوندو- پر في الحال مهرباني ڪري هلو ۽ مريض جو علاج ڪريو. هوُ اوهان جو انتظار پيو ڪري“.

ڇوڪريون، ڪپتان هارينبي جي ڪئبن جي بلڪل پر ۾ هڪڙي ننڍي ڪئبن ۾ بندهيون جنهن جي دروازي جي ٻاهران لوهي راڊ لڳل هئي ۽ راڊ کي مضبوط تالو لڳل هو.

هارينبي چابي هڻي دروازو کوليو. اندر ننڍي ڪوٺي هئي . پٽ ۾ هڪ ٻئي جي مٿان پنج بسترا لڳل هئا. چار ڇوڪريون، نهايت خوبصورت، هيٺين بستري تي ويٺيون هيون. پنجين ايتي پئي هئي. جيئن ئي ولڪس، هارينبي ۽ مرڊس اندر داخل ٿيا ته هو چارئي ڇٽيون اٿي بيٺيون.

”ڇوڪريون! اوهين مسٽر ولڪس سان ملو، هي اسان جو سرجن آهي.“ هارينبي چيو.

”ڇا اوهين هولي جو علاج ڪرڻ آيا آهيو؟“ سيني ۾ ڊگهي ڇوڪريءَ سرجن کان پڇيو. پيون تـي ڇٽيون هن جي پٺيان بيٺيون هيون.

سرجن منهن تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ”ها- انهيءَ لاءِ مان هتي آيو آهيان. اوهان جو نالو ڇا آهي؟

”ملي ڪينٽ.“

”ميڪينٽ، نالو ڏاڍو پيارو آهي“

”هن جو نالو اينی آهي، هيءَ گريس آهي، ۽ هيءَ چيڙي آهي.“ سرجن سيني ڏي ڏسي مسڪرائي چيو ”اوهين سڀ خوش آهيو!“

”ها اسين سڀ بلڪل خوش آهيون اوهين ڪيئن آهيو“

”مهرباني مان بلڪل خوش آهيان.“

هولي ستري تي ليٽي پئي هئي. سندس ڊگهاءَ ڪارا وار وهاڻي ڪان هيٺ پئي لڙڪيا. هن جون اکيون ته کليل هيون مگر بيهوش هئي، ڪيس ڪا خبر ڪا نه هئي ته مٿان ڪير بيٺو آهي. ولڪس هن جي نبض ڏٺي ته زري تيز ۽ زري گهٽ پئي هلي ۽ ڪِل جو رنگ پيلو تي چڪو هو. هن جا هٿ ۽ منهن گرم ته بلڪ ڪوسا ها. ولڪس هن جي بت تان ڪپڙو لاٿو. مليڪينٽ اتي بيٺي باقي تي چٺيون منهن ورائي پنيريون تي بيٺيون. ولڪس هن جو پيٽ ڏسي هٿ رکيو ته هن دانهن ڪئي. ولڪس وري مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏيس. مليڪينٽ کان پڇيائين.

”هن کي بيماري تئي گهٽا ڏينهن ٿيا آهن؟“

”هي ٽن چئن ڏينهن کان بيمار آهي پر ... حالت اڄ تي اٿس“ ملڪينٽ سرجن کي ٻڌايو.

”ڇا هي ٿڪي ۽ پريشان ٿي تي؟“

”ها. ڪالهه هيءَ ڏاڍو پئي ٿڪي ۽ لڇي پڇي.“

ولڪس، ڪپتان ۽ مردس کان ”پڇيو اوهان هن کي ڪا دوا وغيره ڏني آهي؟“

مرڊس چيو ”ها. ڪالهه جڏهن تـه هن کي لوچ پوچ
پئي تي تہ مون هن کي آرام ڪرڻ لاءِ جلاب ڏنو هو.“
”اوهو! بيوقوف، هٽ سان پڙي ڏني اٿيئس“ ولڪس
سخت ناراضگيءَ ۾ چيو. وري منهن پڪو ڪري چيائين
”خير، ڪا ڳالهہ ڪانهي. هي تمام جلد ٺيڪ ٿي ويندي.“
”ايني! تون هيڏانهن اچ.“ ”ها. ها. ايني، تون هيڏانهن
اچ. اوهين هن کي اٿاري ويهاريو.“ هنن گڏجي هولي کي
اٿاري ويهاريو. ولڪس هـن جي اکين ۽ ڳلن تـان لڙڪ
اگهي صاف ڪيا ۽ چيو ”هي جلـد ٺيڪ ٿي ويندي. مان
هن جـو علاج ڪندس. ايني! اوهان جـو مونتي اعتبار ۽
يقين آهن؟“ ايني ڪنڌ سان ها ڪئي. ”تہ پوءِ اوهين ڪوبہ
اوسيئڙو نہ ڪريو، مان هن کي چڱو ڀلو ڪندس.“
”في الحال مـان هن کي پنهن جي ڪئبن ۾ ڪٽائي ٿو
وڃان تاڪہ مان هروقت هـن جي سنڀال ڪري سگهان ۽
علاج بہ ڪريان تہ جيئن تمام جلد چڱي ڀلي ٿي وڃي.“
اهو ٻڌي ڪپتان چيو ”مگر اهو تہ .... ڇا اوهين هـن کي
پنهن جي ڪئبن ۾ ڪٽائي ويندا؟“
”ها ڪپتان صاحب، اهو بلڪل ضروري آهي.“
”ٻي ڪا صورت ڪانهي؟“
”نہ. ٻيو ڪو طريقو ڪونهي.“
”جيڪا اوهان جي مرضي. مسٽر مرڊس! اوهين هولي
کي ڪٽي سرجن جي ڪئبن ۾ هلي ڇڏيو، اسين اچون ٿا“
ڪپتان چيو.

”حاضر صاحب.“ مرڊس ڇوڪريءَ کي ڪنيو تہ هن دانهون ڪيون مگر مرڊس هن جي وات تي هٿ رکي ڪئبن ڏي ڪٺي ويو.

”اوهين اسان وٽ وري ايندا؟“ اينيءَ سرجن کان پڇيو. سرجن چيو ”ها، مان توهان وٽ ايندو رهندس. اوهين ڏاڍيون سٺيون ڇوڪريون آهيو. اوهان جهڙيون سهڻيون ڇوڪريون مون اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺيون آهن. مونکي بہ سهڻيون ڏيهيون آهن.“

”هنن جا نالا ڇا آهن؟“

”مان هڪڙيءَ کي الائيس ۽ ٻيءَ کي الائيشا چوندو آهيان، هن وقت هي اوهان جيڏيون آهن.“

سرجن چيو ”ڇا اوهين گهبرايو ٿيون؟“ ”هاڻ تہ اوهان کي بلڪل گهبرائڻ نہ گهرجي. اوهين تہ مائونٽ ميليسشل جي قيدخاني مان آزاد ٿيون آهيو. اوهان کي تہ خوش ٿيڻ گهرجي.“ ڪپتان ٿورو چڙ ۾ ڇوڪرين ڏي نهاري چيو. واڪس هن کي مسع هڪئي.

گريس چيو ”ها سرجن، اتي اسان کي ڏاڍو مارينا هئا.“ چيري چيو ”اسان کي کاڌو بہ سٺو ڪونہ ڏيندا هئا.“ گريس چيو ”۽ اسان کي روز چرچ ۾ وٺي ويندا هئا. ۽ سڄو ڏينهن ڪم وٺندا هئا. رکو ڇنڇر ڏينهن اٺ ڪلاڪ راند روند ڪرڻ لاءِ ڇڏيندا هئا.

اينيءَ پڇيو ڇا اوهين اهو ٻڌائيندا تہ هاڻ ڪيڏانهن ٻيون وڃون؟“

سرجن صاحب! اوهين مهرباني ڪري مريض کي ڏسو.
في‌الحال ڇڏيو انهن ڳالهين کي“ ڪپتان چيو.
سرجن ڪپتان جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ايني
کي چيو ”ڇا اها اوهان کي خبر ڪانهي؟“
”ڪپتان صاحب اسان کي ٻڌايو آهي ته اسين ٻئي
ملڪ ۾ پيا هلون جتي شهزادا رهندا آهن. جتي بادشاهه
رهندا آهن. اتي خوبصورت محلات آهن ۽ اسان کي اهڙا
فوٽو به ڏيکاريا اٿس. جتي دو ا ٺين سڀ اتي هلي رهنديون.
اتي اسان جي وهنجڻ لاءِ خوبصورت جشما آهن. گل ڦل
آهن. جهڙا ڪاڏا اسين پسند ڪنديوسين اهڙا ڪاڏا اسان کي
ملندا. اسان کي ريشمي ڪپڙا ملندا. اسان کي سون ۽
هيرا جواهر ملندا. اسان کي ڏار ڏار نوڪر ملندا ۽ ڏاڍا
مزا هوندا.“
”واهه واهه. ڇڻبو ته اوهين ڏاڍيون خوش نصيب
ڇوڪريون آهيو.“ ولڪس مسڪرائي ايني کي ڳلن تي
چمي ڏني. ايني ولڪس کي ڏسي ۽ مسڪرائي چيو ”ڇ
'وهين اتي به اسان کي ڏسڻ ايندا؟“
”ها، مان ڪوشش ڪن' س“ ائين چئي اکيو ۽ چيائين،
”هاڻ مونکي اٿڻ کپي. هوليءَ جو علاج ڪرڻو آهي.“
”سرجن صاحب! ڏسجؤ متاز وري، نه اچو!“
”مان سڀاڻي وري اوهان وٽ ايندس“ ولڪس چيو.
”واعدو!“ ايني چيو.
۴ ”ها. واعدو“ ولڪس جواب ڏنو. هو ٻاهر نڪتو

هارينبي ٻاهران دروازو بند ڪيو ۽ هو ڪئبن ڏي وڃڻ لڳا.
”سرجن صاحب! اوهان ٻڌو، هو بلڪل خوش آهن!“
”ها. مگر اوهان هنن کي اهو نه ٻڌايو آهي ته حرم ۾ ڇا ڇا آهي.“
”وڌيڪ سڀ ڪجهه هو پنهنجين اکين سان ڏسنديون.“
”ڇا جيستائين اسين بنهن احمد پهچنداسين تيستائين هولي چڱي ڀلي ٿي ويندي؟“ ڪپتان پڇيو.
سرجن هنن جي منهن ۾ ڏسندي چيو ”چڱي ڀلي! هوءَ صبوح تائين مري ويندي، ڪپتان صاحب.“
ڪپتان يڪدم منهن ۾ گهنڊ وجهي چيو ”ته پوءِ اها ڪتني حي بيوقوفي آهي جو هنن کي پنهن جي ڪئبن ۾ ڪٺائي آيو آهين؟ هتي ڇوڪرين جي اکيان ڇا پئي چئي ۽ هاڻ وري ڇا پيو چئين؟“
”ڪپتان صاحب، هو ننڍيون ٻار آهن. ڇا تون چاهين ٿو ته مان هنن کي ٻڌايان ته اوهان جي ساٿياڻي جلد مرڻ واري آهي. هتي ته مان ڪيس فقط انهي ڪري ڪٺي آندو آهيان ته جيئن هن کي ڪا خبر نه پوي، نه ته هو نه روئي روئي مري ويندين. هاڻ ته مان روزانو هنن وٽ وينديس ۽ روز نئون ڪوڙ هنن کي ٻڌائيندوسان ته هوءَ ٺيڪ ٿيندي وڃي. هنن کي هن جي موت جو ٻڌائڻ بلڪل ٺيڪ ناهي.“
”ڇا اوهين هولي لاءِ ڪجهه نٿا ڪري سگهو؟“
”جيڪڏهن بهرئين ڏينهن مون سان ڳالهه ڪريو ها ته شايد بچي به پوي ها. حقيقت ڪري هن جو آنڊو آندي .

تـي چڙهي ويو آهي. جنهن ڪري هو بيهوش آهي. وينر هن نيم حڪيم مردس هن کي جلاب ڏنو آهي، ۽ پنهنجي حڪمت ڏيکاري آهي- تنهن ۾ مريض لا عـلاج تي ويو آهي. هن وقت هن جي سڄي جسم تي زهر چڙهي ويو آهي. تنهن کان سواءِ کيس دلي صدمو به رسيل آهي. هـن وقت هـن حو جوڪو بـه ڪلاڪ تو گذري سو هـن لاءِ جيئرو رهڻ به غنيمت آهي."

اهو ٻڌي ڪپتان ڪٺي مات ڪئي.

''مسٽر هاريني! هن ڇوڪري جي قيمت گهڻن غلامن جي برابر آهي؛ ڇهن جي؟ يا ٻارنهن غلامن جي؟"

''ان غلام." اهو ٻڌي ولڪس جي دل ۾ نفرت پيدا ٿـي. هو ٻئي ڪئبن ۾ آيا. ولڪس ڪئبن جـو در کولي اندر داخل ٿيو ۽ ڏٺائين ته هولي سنلس بستر تي پئي هئي. هن جي بت تي ڪو ڪپڙو ڪونه هو. فقط منهن تي ڪپڙو پيل هوس. مردس مٿان چڙهيو بيٺو هو ۽ هـن جي سڄي بت تي هٿ پئي ڦيرايائين.

''او سوئر- ڪتي جا پٽ!" ولڪس کي بي حد غصو چڙهي ويو ۽ يڪدم هڪڙي ڪاٺ جي پٽي ڪٺي هـن تي ٺوڪي ڪڍيائينس ۽ هو وڃي ڪريو. وري مٿان به لي تڏا هڻي ڪڍيائينس. ڪپتان هن کي جهليندي چيو ''بس مسٽر ولڪس- وڏيڪ نـه ماريوس." ايتري ۾ مردس اٿي چاقو ڪڍيو. ڪپتان ڪاوڙ ۾ مردس کـي چيو ''ٻـاهر نڪر نالائق، نـه تـه گلي ۾ ـ مو ٻڌي تيستائين لٽڪائيندو سان

جيستائين ساهه نه نڪرئي. مرڊس ڪپتان کي ڏسي ٿڌو شوڪارو ڀري، چاقو بند ڪري ٻاهر هليو ويو. ولڪس ٻوء چوڪري جو جسم نپاس ڪري وري ڪپڙو مٿان وجهي ڇڏيو. ڪپتان کي چيائين "مسٽر هاريڊبي! هڪ ڏينهن ايندو جڏهن ڪو نه ڪو هن کي ٻه ڪتي جي موت ماري ڇڏيندو." خير مسٽر ولڪس في الحال ته اها ڳالهه وساري ڇڏيو. اوهين مريض کي ڏسو، پر جي مري وڃي ته فوراً مونکي اطلاع ڪجو. ولڪس ڪنڌ سان ها ڪئي. ڪپتان وڃڻ لڳو "چڱو خداحافظ" "خدا حافظ."

ولڪس اندران در بند ڪري. هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ وس مان ڪونه گهٽايائين، سڄي رات هن جي مٿان ويٺو هو. رات نه پئي ڪٽي. هو هولي جو بخار توڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ جيترو وقت هن جي خدمت پئي ڪيائين، اوترو وقت ڪيس ٻنهن جون ڏيئون پئي ياد آيون. ٻاهر پهريدار صبح جو پنجين بجي پنج گهنڊ وڄايا. ولڪس جي اکين مان لڙڪ ڪريا ۽ هولي جو دم پرواز ڪري ويو.

جهاز هياڪ بندر گاهه تي لنگر انداز هو پيو سڀ عملو جهاز تي رهيو، باقي ڪپتان هاريئبي، نائب ڪپتان مرڊس، سرجن ولڪس ۽ چوٿون مسٽر هولسٽر، جيڪو ڪپتان جي اجازت سان آيو هو سي هياڪ جي بادشاهه جي دربار جي ٻاهرئين دروازي تي پهتا ته بادشاهه جو وڏو وزير ٽيڪومو هنن کي مليو. ٽيڪومو جو خيال هو ته ماڻهو ڪجهه گهٽ هجن. تنهن ڪري هن ڪپتان کان پڇيو ”ڪپتان، اوهين يقين سان چئي سگهو ٿا ته هنن سڀني جو اوهان سان گڏ هجڻ ضروري آهي؟ ڇاڪاڻ ته بادشاهه جي دربار ۾ فقط وڏي درجي جا ماڻهو هلي ٿا سگهن. تنهن کان سواءِ هي جيڪو گهڻن وارن وارو ماڻهو اوهان سان گڏ آهي سو ته مون کي بلڪل جانور قسم جو وحشي ماڻهو ٿو لڳي.“ ٽيڪومو مرڊس جي منهن ۾ ڏسي ورتو جيڪس جو ”ياد رکجانءِ، جي بادشاهه جي دربار ۾ ڪا گستاخي يا بيهودگي ڪئي اٿئي ته تلوار سان سر ڪپيو ويندءِ.“

”نه صاحب مان دربار جا آداب بجا آڻيندس ڪا به اڻوڻندڙ حرڪت نه ڪندس.“ مرڊس جواب ڏنو. ٽيڪومو نهايت مغرور مندي هو. قد جو ڊگهو هو. ڪنن ۾ سونا والا پيا هئس. عادت قيمتي ڪپڙي جو ڳاڙهو جبو پيل هوس. ڳلي ۾

سونو هار ڀڏل هوس ۽ هن سان گڏ جيڪو ٻيو عملو هو، تن کي ڳچين ۾ پتل جا ٻل پيل هئا، جن تي نانگن ۽ چيتن جون شڪليون ٺهيل هيون. در بار جا در ڪاٺ جا ٺهيل ۽ نهايت وڏا هئا. جن تي قديم جاني قوم جي جابلو باشندن جون تصويرون اڪريل هيون. جاني نهايت ئي طاقتور شيدي هئا جيڪي غلامن جو واپار ڪندا هئا.

ٽيڪومو هڪڙو هٿ ڪپتان ۽ سندس سائين ڏي ايو ڪيو ۽ ٻيو هٿ چپلهه تي رکيو بيٺو هو ته ٿوري دير ۾ در مان هڪڙو دربان شيدي وٽس آيو ۽ بادشاهه جو پيغام هن کي اچي ٻڌايائين. پوءِ ٽيڪومو اڳتي وڌي ولڪس جي ٽاءِ ٽيڪ ڪئي ۽ چيو ”بادشاهه سلامت اوهان کي اندر اچڻ جو حڪم ڪيو آهي.“ ائين چئي هو اڳيان ٿيو ته سندس عملي جا ماڻهو سجدي ۾ ڪري پيا ۽ هن ڪپتان کي ۽ سندس سائين کي وٺي در ڏانهن منهن ڪيو. دروازو زور سان اندران کليو ۽ آواز ٿيو ”بادشاهه سلامت جي دربار ۾ ڪير حاضر ٿي رهيا آهن؟“

ٽيڪومو جواب ڏيندي چيو ”جيو بيليشن جهاز جو ڪپتان هارينبي ۽ سندس سائي حاضر ٿيڻ ٿا چاهين.“

”انهن کي اندر وٺي اچڻ وارو ڪير هوندو؟“

”مان، بادشاهه سلامت جو وفادار ۽ ٻانهن ٻيلي، وزير اعلي- ٽيڪومو.“

”اندر اچو.“ جيئن هي اندر گهڙيا ته دروازي جي ٻنهي پاسي درجن کن پهريدار هٿن ۾ هنٽر جهليو آڪڙيا

۽ سندس ساٿين کي چيو "۽ جي چاهيو ته ڀلي هڪ ٻئي سان ڳالهايو ٻولهايو." ايئن چئي، ٽهڪو مو اڳتي هليو ويو ۽ ڪپتان وارا اتيئي بيٺا رهيا.

"ڀلا ڪارا لنگورؤ!" مرڊس مغروري مان چيو.

"ٽڪي جا شيدي- پاڻ کي الائي ڇا پيا سمجهن!"

هارينبي چيس "بڪواس نه ڪر، جي ٿورو به هنن کي شڪ پئجي ويو ته تون دربار جي بي ادبي پيو ڪرين، ته هنن کي ايترو پاور آهي جو اٿي جو اتي منٽن ۾ مسي لاهي ڇڏيندو." مرڊس تي ڪو اثر ڪونه ٿيو ۽ چيائين "برابر پاور اٿن. پر ڏسجانءِ ويٺو ته مان انهن ڪتن کي ڪيئن ٿو غلام بنائي جهاز ۾ بند ڪريان."

"پر توکي شايد هنن پڃرن مان ڪنهن هڪڙي ۾ نه بند ڏسان" سرجن ولڪس چيس.

"اڇا! ته توکي اڇا ڪاوڙ آهي. شايد جيڪا ڇوري تنهن جي ڪئبن ۾ مري وئي هئي تنهن توکي تنهنجون ڌيئيون ياد ڏياري ڇڏيون آهن" مرڊس، هن کي هولي واري ڳالهه ياد ڏياري.

"خبردار جو منهنجن ڌيئن جو نالو ورتو اٿئي. مان تو جهڙي گندي ماڻهو جي واتان هنن جو نالو ٻڌڻ نٿو چاهيان."

"چڱو هاڻ مهرباني ڪري اهي ڳالهيون بند ڪريو ۽ ماٺ ڪري ويهو يا ٻي ڪا ڳالهه ڪريو." هارينبي هنن ٻنهي کي منع ڪندي چيو. هولسٽر هنن جي منهن ۾ ڏسڻ

لڳو. هن کي انهي جهيڙي جي ڪا خبر ڪانه هئي. البت هن کي شڪ پيو ته هي ڪو راز آهي جيڪو هن کان لڪايو ويو آهي. تنهن ڪري هو وڌيڪ ڌيان سان هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو مگر هارينبي هنن جي گفتگو بند ڪرائي ڇڏي. هولسٽر نااميد ٿي ويو ۽ وري هارينبي سان ڳالهائڻ لڳو "مسٽر هارينبي! شيدين ڪي ڪنهن اجازت ڏني آهي جو گورن کي ٻيڙن ۾ بند ڪريو وڃنا آهن؟"

"ڳالهه اجازت جي ڪانهي-هولسٽر، هي سڀ پاور آهي پاور. هتي گورن کي پاور بند ڪيو آهي، نه ته انهن ۾ کي جهازن جا ڪپتان آهن ۽ ڪي ٻين ڌوهن جا ڌوهاري آهن."

"مگر هي ته گورا آهن!" هولسٽر چيو.

"ها، گورا آهن- انهن کي منهن جي طرفان مبارڪ ڏي."

هولسٽر ڪجهه دير ماٺ ڪري وري چيو "مان ته اڄ تائين ائين ٿي سمجهندو هوس ته شيدي سڀ جهوپڙين ۾ رهندا آهن ۽ هڪ ٻئي جو ماس کائيندا آهن!"

ٿوري دير ۾ ٽيڪومو اندران آيو ۽ ننڍن تختن مان هڪڙي جي سامهون ماٺ ڪري اچي ويٺو. پوءِ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ڪجهه اکر چوندو رهيو ۽ اندر موجود سڀ شيدي ڪنڌ هيٺ جهڪائي ٻڌندا رهيا.

"هي بادشاهه بلملاح جو تعارف پيو ڪرائي ۽ هن جا عجيب غريب خطاب پيو ٻڌائي" ولڪن هولسٽر کي ٻڌايو.

نہ ڏيندو.“

”ٻيو ڪو طريقو نٿو ٿي سگهي؟“ ٽيڪومو همت مٿي ڪري ڪپتان کان پڇيو.

”نہ، ٻيو ڪوبہ طريقو ٿي نٿو سگهي، اوهين مونکي پنهنجا ٻہ ماڻهو ڏيو جيڪي منهنجن ماڻهن سان گڏجي وڃن ۽ اها جاءِ ڏيکارين جتان غلام کسيا وڃن. ان لاءِ اسين هنن کي هرهڪ غلام جا وڌيڪ ڊالر اتي جو اتي ڏينداسين.“

”ويهہ ڊالر تمام گهٽ آهن. ٽيهہ ٽيهہ ڊالر هنن کي ڏجو.“ ٽيڪومو چيو.

”هلو سائين پنجويهہ ڊالر في غلام ڏينداسين.“

”ٽيهہ ٽيهہ ڊالر تہ هنن کي بادشاهہ وٽ جمع ڪرڻا پوندا. باقي هنن جي محنت ان کان سواءِ ٿيندي.“ ٽيڪومو چيو.

”چڱو سائين ٽيهہ ڊالر قبول آهن وڌيڪ اوهان چاڙهو اوهان جا ماڻهو چاڙهن. ان کان مٿي نہ ڏئي سگهنداسين.“

اڃان منهن اونداهي هئي تہ نائب ڪپتان مردس جي اڳواڻي ۾ ٻارنهن ڄڻن جو هڪ جٿو بندوقن ۽ تلوارن سان تيار ٿي بلملاح جي ٻن شيدين سان گڏ درياءَ تي ويو. ٻن ڊالر انهن ۾ شامل هو، مگر هن کي ضمير سخت ملامت ڪري رهيو هو. دل ۾ چوڻ لڳو ”يا خدا! ماڻهو ڇا ٿيو ڪريان.“ جيتوڻيڪ ٻن ڊالر خدا ۾ يقين نہ رکندڙ هو مگر وقت جي حالت کيس بار بار خدا ياد ٿي ڏياريو. هن

کان پوءِ شيدي ٻوڙندا واپس آيا. انهن ۾ هڪڙو انگريزي ڄاڻندو هو. تنهن مرڊس کي چيو ”پندرهن منٽن ۾ پورچوگيز هتي پهچڻ وارا آهن.“

”ٺيڪ. ڪهڙيون ٻيڙيون آهن“؟

”پنج.“

”پورچوگيز ڪيترا آهن؟“

”ڏهه ڄڻا آهن- هر هڪ ٻيڙي تي ٻه ٻه ڄڻا ويٺا آهن.“

”ڏاڍو سٺو هاڻ مقابلو سولائيءَ سان ٿي سگهندو.“

”هاڻ اسان کي ڏالر ڏيو ته اسين وڃون. اسان جي ڊيوٽي ختم ٿي“ شيدين نائب ڪپتان کي چيو.

”اڳواٽ هڪڙي پائي به نه ڏينداسين. غلام هٽ ڪرڻ کان هڪڙو سيڪنڊ به اڳواٽ رقم نه ڏينداسين“

شيدي ڪاوڙ جي پيا. پر لاچار ماٺ ڪري ڪناري وارن وڻن ۾ لڪي ويا. مرڊس پنهنجن ماڻهن کي بندوقن سميت تيار ڪري قطار ۾ ويهاري لڪائي ڇڏيو. پورچوگيز به ڏاڍي خوشي مان پئي آيا ته واهه جو شڪار هٿ لڳي ويو آهي ۽ اڄهو هاڻ بندر گاهه تي رسياسين. فائدو به تمام گهڻو ٿينداسين. هيڏانهن مرڊس پنهنجي همراهن کي هدايت ڪئي ته حڪم ملڻ کان اڳ ۾ ڪو به فائر نه ڪري ۽ جنهن وقت مان حڪم ڪريان ته يڪدم سڀ ڄڻا هڪ آواز ۾ فائر ڪجو. هر هڪ ٻيڙي تي ٻه ٻه پورچوگيز ويٺل آهن، هڪڙو اڳيان ٻيو پٺيان. اوهين به نمبر وار هرهڪ تي شست ٻڌجو ۽ ڏهن ئي ڄڻن کي

اعلان ڪيو. بادشاھ تخت تي ويٺو ھو. ھارينبي کي حڪم ٿيو تہ ٻہ ٽي قدم اڳيرو ٿــي بيھہ. ٽيڪومو چيو "بادشاھہ سلامت فرمائي ٿو تہ ھارينبي جي ڪن ماڻھن جـو نقصان ٿيو آھي ان لاءِ اسـان کي ڏکـ آھي. اسان کي ھن سان دلي ھمدردي آھي."

"ھن ڏنڌي ۾ اھي ڪم ٿيندا آھن جناب، ڪا وڏي ڳالھہ ڪانھي." ھارينبي اخلاقي طور جواب ڏنو.

"بادشاھہ اوھان کي ڪا خوشخبري ٻڌائڻ ٿو چاھي."

"اسان کي خوشي ٿيندي. ڪھڙي خوشخبري آھي؟"

"رات اوچانڪ غلامن جو ھڪڙو قافلو اچي ويو آھي ۽ بادشاھہ سلامت اھي غلام اوھان کي ڏيڻ ٿــو چاھي." ٽيڪومو چيو "تہ جيئن اوھين خالي ھٿن نہ وڃو."

"قافلي ۾ گھڻا غلام آھن؟" ھارينبي پڇيو.

"چوراسي." ٽيڪومو جواب ڏنو.

جيڪڏھن في غلام ٽيھہ ڊالر مقرر ڪجن تـہ ڪل رقم ٿيندي..............

"ٻہ ھزار پنج سئو ويھہ ڊالر" ھارينبي جواب ڏنو.

"بادشاھہ سلامت گھڻي رقم ٿو گھري؟" ھارينبي پڇيو.

"ڪپتان صاحب اوھان کي خبر آھي تـہ ھياڪي غلام تمام گھڻا مھانگا آھن گھٽ ۾ گھٽ نـوي ڊالر في غلام قيمت اٿن. مگر اوھان سان ڪجھہ مروت ٿيندي."

"ھا. حالات جي لحاظ کان مروت ٿيڻ گھرجي"

"حالات جي لحاظ کان! مون نہ سمجھيو. ٽيڪومو چيو.

ڪجهه دير ترس، مان ڪلاڪ ڪن ۾ اچان ٿو پوءِ پلاٽ ان بابت ڳالهايون ٿا". ولڪس جڏهن واپس آيو ته هولسٽر کي چيائين "مسٽر هاريئبي چيو آهي ته ماني ڪائڻ کان پوءِ مسٽر هولسٽر کي مون وٽ وٺي ايندا ته گڏجي پيگ پاڻي به ڪنداسين ۽ ڪچهري به ڪنداسين."

"ڪپتان وٽ؟" هولسٽر پڇيو.

"ها- ڪپتان اها ڳالهه اوهان کي مون کان وڌيڪ سولي نموني ۾ سمجهائيندو." پوءِ هو ٻئي ڇٽا گڏجي ڪپتان جي ڪئبن ڏانهن ويا. ڪپتان هن سان هٿ ملائيندي چيو "مسٽر هولسٽر، اڄ اوهان منهن جي محفل ۾ آيا آهيو- ان لاءِ مونکي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي آهي."

"مگر اها ته منهن جي خوش نصيبي آهي، ڪپتان صاحب!"

"مسٽر ولڪس!" ڪپتان ولڪس ڏي ڏسو ته هن چيو "معاف ڪندا ڪپتان، مونکي ڪن مريض عورتن کي ڏسڻو آهي- تنهن ڪري مان هلان ٿو."

"ها، سمجهيم. اوهين ڀلي وڃو." ولڪس اٿي ويو. پوءِ ڪپتان ڪئبن جو در کولي اندر گهڙي لالٽين ٻاريو ۽ هولسٽر کي اندر سڏ ڪيو. ڪئبن ايتري وڏي ڪانه هئي، پر تنهن هوندي به هولسٽر جي ڪئبن کان ڪجهه وڏي هئي. "ويهو." ڪپتان هولسٽر کي چيو ۽ هو ويٺو. ڪپتان جي ڪئبن ۾ ننڍڙا طوطا پڃرن ۾ بند ويٺا هئا ۽

هولسٽر رنگ برنگ جا ننڍڙا طوطا ڏسي رهيو هو. اهي اٽڪل ٻه درجن طوطا هئا. ڪپتان براندي جي بوتل کولي ٻن گلاسن ۾ وڌي ۽ هڪڙو گلاس هولسٽر ڏي وڌايائين ۽ پاڻ اتي پکين جي ويجهو آيو. انهن کي داڻو کارايائين ۽ سڀ پکي ان کائڻ کي لڳي ويا.

ڪپتان هولسٽر کي چيو ته "مسٽر ولڪس مونکي ٻڌايو ته اوهين غلامن بابت ڪجهه معلومات حاصل ڪرڻ گهرو ٿا!"

"او، ها، ها. دراصل مون مسٽر ولڪس کان پڇيو هو، جنهن اوهان جي لاءِ چيو ته ڪپتان صاحب هن باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ٻڌائي سگهي ٿو."

"مسٽر هولسٽر، اول اوهين مونکي اهو ٻڌايو ته اوهين غلامن بابت معلومات حاصل ڪرڻ ڇو ٿا چاهيو؟"

"مان هنن کي سمجهي نه سگهيو آهيان. تي سگهي ٿو ته هي بلڪل وحشي هجن، يا غريب ۽ بيوس هجن، يا اچا ٻه ڪا ٻي ڳالهه هجي، تنهن ڪري اڪثر انهن بابت پڇندو رهندو آهيان."

"اوهان هياڪ وارن شيدين بابت ڇا محسوس ڪيو؟" ڪپتان پڇيو.

"اڄ تائين مون ايئن ڪڏهن به نه سمجهيو هو ته ڪو شيدي به ڪتي شهر ٻڌي رهي سگهن ٿا، پر هنن کي ڏسي مونکي عجب لڳي ويو." هولسٽر چيو.

"نه، نه، فقط شهر بلڪ هنن جي شهنشاهيت آهي.

هن سان گڏ اچي ويٺو ۽ هڪ ٻه ڊڪ شراب جا پيتائين، بن احمد به هڪڙو اڌ پيگ پيتو مگر هو هش هش جو عادي هو. ولڪس جو ضمير هن کي ملامت ڪري رهيو هو. بن احمد خوش ٿي ٿيو. ايتري ۾ اندران هڪڙو سپاهي آيو ۽ بن احمد کي ڪجهه چٺي واپس هليو ويو.

”مونکي اطلاع مليو آهي ته سڀ ڇوڪريون بلڪل صحيح سلامت ۽ پاڪ دامن آهن“ هن هارينبي ڏي مخاطب ٿي چيو. هارينبي ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي.

”هاڻ هنن جي قيمت بابت ڳالهه ٻولهه ٿئي!“ بن احمد چيو.

”ڀلي ٿئي“ ڪپتان چيو.

”ڇوڪريون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهن. نوجوان ۽ خوبصورت، نهايت پرڪشش آهن؛ مان اوهان کي هرهڪ ڇوڪري جي بدلي ۾ پنج ڪاريون ڇوڪريون ڏيندس.“

”فقط پنج! نه جناب اهي توريون آهن. گهٽ ۾ گهٽ هرهڪ جي بدلي ۾ ڏهه ڏهه ڇوڪريون کپن.“

”اوهو، ڪپتان صاحب، اهو ته تمام گهڻو ملهه آهي. انهي ۾ مونکي ته ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. الٽو نقصان ٿيندو.“

”جناب نقصان جو ڪو سوال ئي ڪونهي. جيڪڏهن توهان في ڇوڪري جي بدلي ۾ اسان کي پندرنهن پندرنهن ڪاريون ڇوڪريون به ڏيندين، ته به ڪمائيندين.“

”بس هاڻ آخري فيصلو اهو آهي ته ڇهه ڇهه ڇوڪريون

مان اوهان کي ڏيندس.“

”گهٽ ۾ گهٽ نَوَ.“

”نه، ست“

”نه، اٺ“

”اٺ نه.“

”چڱو، ڇهن ڇوڪرين جي عيوض ٽيهه ڏيو، ان کان گهٽ نه.“

بن احمد حقي جو نڙ وات ۾ رکي، ٿوري دير سوچي چيو ”منظور.“

”مگر مان اڄ شام جوئي، چوندي ٽيهه ڇوڪريون ڪڍندس“ هارينبي بن احمد کي چيو. مردس، والڪس ڏي ڏسي چيو ”توکي ڇا ٿي ويو آهي سرجن صاحب، ڇومنهن ڦري ويو اٿئي؟“ ”نه نه، ڪا ڳالهه ڪانهي: مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان.“ مردس هن جي منهن ۾ ڏسي مٺِس ڪليو ۽ چيائين ”سٺو ٿيو. سٺو ٿيو: مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان.“ ايتري ۾ هڪڙو دربان پريشان حالت ۾ ڊڪڙو ڊڪڙو آيو ۽ بن احمد کي پاسي تي سڏ ڪري ڪجهه چيائين ۽ ڏکيو به پئي ۽ بن احمد جي پيرن تي ڪري پيو. هارينبي، مردس ۽ والڪس هي حال ڏسي پاڻ به اٿي بيٺا. بن احمد ڪپتان کي چيو ”جيڪي چار ڇوڪريون هن وقت اوهان مونکي ڏنيون آهن تن مان هڪڙي پاڻهي پنهنجي ڪنوارپائي ختم ڪري ڇڏي آهي.“ اهو ٻڌي هو سڀ ڇوڪرين واري ڪمري ڏانهن ڀڄندا ويا. اينيءَ

مٿي ڪري چيو ”ڪوبہ نہ.“

هولسٽر فرمائي سان چيس ”هيو دفعو ٺهندوئي ڪونہ.“

”پاور، پاور آهي“ هولسٽر سوچيو تہ اهو هارينبي جو چوڻ بلڪل صحيح آهي.

ٽيڪومو مسڪرائيندي اڳيان پيل ميز تي ٺيڪ ڏئي چيو ”ڇا چيو؟“ جهڙوڪ هن ”پاور“ جو اکر سمجهوئي ڪونہ. ”پوءِ اوهان کي موقعو ڪونہ ملي سگهندو“

هولسٽر پوءِ هن کي ٻڌايو. ”تون هاڻي غلام آهين ۽ اسين تو کي اهڙي جڳهہ تي وڪڻنداسين جتي مرڻ گهڙي تائين غلام هوندين“ هولسٽر چيس. ٽيڪومو غصي ۾ تپي لال ٿي ويو.

ٽيڪومو، هولسٽر کان ڪافي قداور، بدن ۾ ڪشادو ۽ بادي بلڊر شيدي هو. هو هولسٽر کي سوڻ سان ماري ٿي سگهيو، پر ”پاور“ ڪونہ هوس. نہ تہ هولسٽر کي ڪچي ۾ هٿ وجهي نپوڙي ساهہ ڪڍي ڇڏي ها.

هولسٽر کي بہ چڙ وٺي وئي ۽ زور سان دانهن ڪري هن کي چيائين ”چئو تہ مان غلام آهيان!“

ٽيڪومو هن جي منهن ۾ ڏسي لڳو.

”چئو.“ هولسٽر دڙڪو ڏنس.

”تون بڪواس ٿو ڪرين!“ ٽيڪومو چيس.

هولسٽر يڪدم ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ڪٻٽ جو تالو کولي اندران هن منهن وارو پستول ڪڍي هٿ ۾ ڪيائين. پاور وري بہ پاور هو. هن جو گلو خشڪ ٿي ويو. هن جو هٿ بہ ڏڪيو هئي- پر هن هڪڙو ڪاڪ ڏهائي ٽيڪومو ڪسي

ٽان ڇوڪريون خريد ڪندو هو تہ انهن مان ٻيون حصو پنهنجي لاءِ جدا ڪري رکندو هو. جڏهن ڪيس هڪ دفعو هڪڙي ڪاري ڇوڪري سائلاس ملي وئي تہ ان جي عشق جي دام ۾ گرفتار ٿي ويو.

آخر هني رات وري بہ گڏجي ستا. سائلاس ڪئبن ۾ خوب وهنجي سهنجي بت صاف ڪري نهايت، خوبصورت نئوني ۾ هار سينگار ڪري ويٺي هئي ۽ جهڙي راڻي پئي لڳي. هارينبي کي سائلاس تمام گهڻو خوش ڪندي هئي. هو بہ ڏاڍو مطمئن ٿيندو هو. تنهن ڪري هن تي دل و جان سان ڇڪن ڏني چڪو هو. جيتري محبت هن سان ڪندو هو اتري هن ڪڏهن بہ زندگي ۾ ٻي ڪنهن عورت سان نہ ڪئي هئي. سائلاس بہ هن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي.

ٻيون دفعو جڏهن سائلاس هن سان ٽي سال گڏ هئي تڏهن هو هڪڙي پورچوگيزي جهاز تي ڪپتان هو، هو اڃا آفريڪا جي بندرگاهه تي پهتو ٿي مس هو ۽ اڃا هڪڙو بہ غلام خريد نہ ڪيو هئائين تہ اوچتو برٽش جي فرگيٽ هن وٽ پهچي وئي. هارينبي ڏٺو تہ وٽس فقط سائلاس ٿي آهي جنهن لاءِ ڪابہ ثابتي نہ ڏئي سگهندو تہ ڪو هن اها ڪنهن جائز مارڪيٽ مان خريد ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ هن وٽ رجسٽري جا ڪاغذات بہ آمريڪا جا ڪين

روئڻ لڳا ۽ ننڍڙن ٻارن وانگر ٻار ڪيڏي روئي رهيا هئا.
وري انهي ڳالهه تي احتجاج ڪندي چوڻ لڳا "نه-نه- اسين
توکي ڪونه ڇڏينداسين."
"دوستو مون آخري فيصلو ڪري ڇڏيو آهي" سرجن
خلاصين کي چيو. "آخر تون ڇا ڪندين؟" هڪڙي پڇيس.
"انهي جو مونکي ڪو الڪو ڪونهي. مان پنهنجو پيو ڪو
ڏنڊو ڪندس ۽ گهر جو گهر ۾ پنهنجن ڏيئن سان گڏ
زندگي گذاريندس."
"اڇا، ته تون الائيس ۽ الائيشيا سان گڏجي رهندين؟"
ولڪس دل ۾ خيال ڪيو ته منهنجي ڏيئن جي نالن جي
خبر نه فقط ٻن ٻار ۾ مرڊس کي آهي هن کي اهي نالا
ڪنهن ٻڌايا؟
"ها. مان انهن سان گڏجي رهندس. هن کي ڪا ماءُ
ڪانهي. هن وقت هنن کي پيءُ جي سخت ضرورت آهي.
مان هنن کي معاشري جون بهترين عورتون بنائيندس- مونکي
هنن سان بيحد پيار آهي." هڪڙي خلاصي نڪ مان سنگهه
ڪيڏي هٿ سوٽ سان اگهندي چيو " واهه سائين واهه، عجب
آهي تنهنجي بيحد پيار تي؟" وري ٻئي چيو "سيڪو پنهنجي
اولاد سان پيار ٿو ڪري ۽ سيڪو پنهنجي اولاد کي سهڻو
ٿو سمجهي." ولڪس ڪڇيءَ مان لاڪيٽ ڪيڏي ڏيئن جا
فوٽو هن کي ڏيکاريندي چيو "هي ڏس. ڇا هي سهڻيون
ناهن؟ ڇا مان هڪ خوش نصيب پيءُ نه آهيان؟"
"مگر هاڻ بڪ بڪ بند ڪندين يا نه؟" مرڊس سرجن

کي چيو، "مهرباني ڪري تون هتان اٿي وڃ. وڃي ڪنهن ٻي هنڌ ويهه" ولڪس چڙ مان مرڊس کي جواب ڏنو، وري ٻين کي چيائين "اوهين به مون وٽان اٿي وڃو. اوهين سڀ نالائق ماڻهو آهيو. وڃو ۽ وڃي انهي ٿلهي ٻُنڊ سان گڏ ويهو ۽ ٻڪ ٻڪ ڪريو."

"جهونا، جهونا سرجن صاحب، هو مري ويو" مرڊس چيو. ايئن چئي هن سٽ ڏئي سرجن جي ڳلي مان لاڪيٽ ڇني هيٺ سمونڊ ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ ولڪس کي چيو "هو مري ويو. مري ويو."

"الائيس!" هن هڪڙي دانهن ڪئي؛ "الائيشيا!!" هن ٻي دانهن ڪئي. ايئن چئي هن ڪناري کان هيٺ پاڻي ڏي ڏوڙ کاڌو. خلاصين ڪدم جهلي ورتس. "مونکي ڇڏيو. مون مان هٿ ڪيو. هو ٻڏي ويندو. مان هن کي پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ ٿو چاهيان" ولڪس دانهون ڪرڻ لڳو. هڪڙي خلاصي دلداري ڏيندي چيس "سرجن صاحب، هو خيريت آهن. بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهن. هن ته رکو لاڪيٽ پاڻيءَ ۾ اڇليو آهي."

"تون نٿو سمجهين. مان هن کي ٻڏڻ نه ڏيندس. مان هن جي حفاظت ڪندس" ولڪس نهايت پريشان حال ۾ ڳالهايو. "مگر اهي ته گهر ويٺيون آهن، هتي ڪٿي آهن جو ٻڏي وڃن؟ تون ته هتي جهاز ۾ ويٺو آهين!"

"ها. تون ٺيڪ ٿو چئين. هو- هو- گهر ويٺيون آهن- هو سڀئي ٺيڪ آهن؛ هو ننڊ ۾ آهن- هو خواب ۾ مونکي

ڇڏيو. ڪجهه ڏهن ڏينهن تائين سندس ڳالهيون ياد ڪري سيٺي ارمان ڪرڻ لڳا، پر پوءِ جلدئي هنن ولڪس کي به وساري ڇڏيو.

ڏن بار کي سخت بخار هو. خلاصين هن کي ڪٽي ولڪس جي ڪئبن ۾ اچي ڇڏيو جتي پيٽرسن هن کي ڪوٺن جون تڪيون ڏئي ليٽائي ڇڏيو. ڏن بار روئي رهيو هو. هن خلاصي کي به اوچتو بخار ٿي پيو. ان کي به ڪٽي اچي ڏن بارجي پر ۾ ڇڏيائون. منجهند ڪان پوءِ ٽيون خلاصي به بخار ۾ جهلجي پيو. پيٽرسن هيترا سارا مريض ڏسي بيزار ٿي پيو ۽ پنهنجي منهن واڪس کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. نئون مقرر ڪيل چيف سرجن مسٽر پيٽرسن بخار جو علاج به نه پيو ڪري سگهي. هاربنبي کي احساس ٿيڻ لڳو ته فقط ولڪس جي نه هجڻ ڪري هاڻ بيماري وڌندي وڃي. پيٽرسن کي اهائي خبر هئي ته بيمارن کي ٻين کان جدا رکڻ ضروري آهي ۽ ائين ڪرڻ سان بيماري تي ڪنٽرول ٿي ويندو.

ڏن بار کي بخار جا آثار چڙهي ويا هئا. ايتري قدر جو ڪنهن مهل وقليو پئي ته ڪنهن مهل بيهوش ٿي ٿي ويو. لڳاتار ٽي ڏينهن هن سان اها حالت هئي. گذريل ٻن راتين کان اوبرين هر رات لهانا وٽ ويندو رهيو.

خلاصين بن احمد جي محفل مان شراب جون ڪئين بوتلون چورايون هيون. هنن ڪپتان جي بوتلن مان به ڪافي

بوتلون چورائي لڪائي رکيون هيون.

اوبرين، ڪرافورڊ ۽ ريز پاڻ ۾ گڏ شراب پيئندا هئا ۽ پورو پنو نشو ڪندا هئا. هي ٽئي هڪ ٻئي ۾ پڪا وڄهندا هئا ۽ جنهن جو نالو نڪرندو هو سو شراب پيارينڊو هو. پکن ۾ اڪثر ڪري ڪرافورڊ جو نالو نڪرندو هو ۽ هو هر وقت شراب جي بوتل کڻي ايندو هو. هن تمام گهڻيون بوتلون چورائي لڪائي رکيون هيون. ڪرافورڊ اهو خيال ڪڏهن به نه ڪيو ته آخر هن جو نالو هر دفعي ڇو ٿو نڪري. ريز اوبرين کي پنهنجي نيڪي هئي چيو "ڏي خبر، هن ليانا بولڙي ۽ جو ڇا حال آهي؟" "ڇا ڳالهه آهي، سڀ انهي جي پڇا ٿا ڪن. ليانا اوهان جي وات ۾ ته، ڪانه ٿي پوي جو سڀڪو ليانا ليانا پيو ڪري! ليانا تي ته مان ڪامياب ني نٿو ٿي سگهان، ڇا ڪريانس؟"

"هي ڪا اتڪل ڪرينس" ڪرافورڊ چيو.

"ڪهڙي تل ڪريانس؟"

"اڙي بيوقوف، وري بہ مادي آهي. هن سان ڪا نه ڪا راند ضرور ڪرڻ کپي. آخر ته هوءَ ڊن بار جي سنگتياڻي آهي. تنهن ڪري ڇڏيس ڪونه."

"مگر يار، ڊن بار کي خبر پئجي وئي ته هو ڏاڍو ناراض ٿيندو" ريز چيو.

"ناراضپي جي هن ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي. هي ته ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ڪانهي." مرڊس کلندي ريز جي ڪلهن تي هٿ رکي چيو.

ڪاوڙ وٺي وئي ۽ خلاصين کي چيائين ”هن ڪي اورني وٺي اچو ۽ هاڻ جو هاڻ وٺي اچوس.“ جيتوڻيڪ هولسٽر کي ڪابہ آفيسرائي حيثيت ڪانہ هئي پر خلاصي ٽوڙي پيو سڄو عملو هن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو ۽ سندس هر حڪم جي پوئواري ڪندا هئا. ٻہ خلاصي ٽيڪومو کي پاڻهن ڪانن جهلي هن جي اڳيان وٺي آيا. هولسٽر هن کي چيو ”ٽيڪومو! تون غلام آهين. ياد اٿئي يا وسري ويو اٿئي؟ تو پاڻ منهن مان قبول ڪيو هو تہ ها مان غلام آهيان. ٽيڪومو! غلام پنهنجن مالڪن سان ايئن نہ ڳالهائيندا آهن جيئن تون تو ڳالهائيو.“

”مان غـلام ناهيان“ ٽيڪومو چيو. هڪڙي خلاصي زور سان سندس پاڻهن کي سوٽيو. ٽيڪومو کي سور ٿيڻ لڳو ۽ چنگهون لڳو.

”ٽيڪومو! مان چاهيان ٿو تہ تون منهنجا پير چٽ“

هولسٽر چيو.

”اول سونکي قتل ڪريو پوءِ ايئن ٿي سگهندو، باقي جيسين مونہ ساهہ هوندو تيسين ايئن هرگز نٿو ٿي سگهي.“ ٽيڪومو ڪتو جواب ڏنس.

”مان سمجهان ٿو توکي مارڻ ضروري ڪونهي. تون شرافت سان جهڪي منهنجا پير چٽ.“ هولسٽر هن کي وري بہ سمجهايو.

”ايئن هرگز نہ ٿيندو“ ٽيڪومو جواب ڏنو.

”مهربان خلاصيؤ! هن نالائق کي زبردستي دسي هنجو

سچاتو ته اهو ريز هو. ڊن بار به سچي رات ڪونه ستو هو ۽ اڪين ۾ اوجاڳو به هوس. مگر چاقو هٿ ۾ ڪئي هن ڪي جهاز جي وچ تي وچي ٽڪريو. اچا گهڻا ماڻهو ستا پيا هئا ۽ جهاز تي ماڻهن جي هل هلان ڪانه هئي. ريز ٻئي ويو ته ڊن بار پنهان سڏ ڪيس "ريزا" ريز ڊچي ويو ۽ يڪدم پٺ سان ليڪ ڏئي هن ڏي ڏٺائين "ڪير آهي؟ ڊن بارا"
"هـا هـا ڊن بار. مان توسان ڪجھه ڳالهائڻ ٿو چاهيان"
ڊن بار هـن ڪي چيو. ريز بـه چاقو ڪيڏي هٿ ۾ ڪيو.
"ڊن بارا سچي سچي حقيقت اها آهي ته اسان جو ليانا ڪي نقصان رسائڻ جو ڪو ايرادو ڪونه هو. اسان تـه هن سان نقط مذاق پئي ڪئي." هن جـو آواز ننڍڙن ٻـارن وانگر جهڪو ٿي ويو ۽ هڪ ٻئي ڪان ٿورو پري بيٺا هئا.
"توهان جي خيال ۾ اها سڀ ڪجھه مذاق هئي."
"اسان جو پيو ڪو خيال ڪونه هو مگر توڪي ڪنهن غلط ٻڌايو آهي."
"چا اهو سڀ ڪوڙ آهي؟"
"ها مان پنهنجي لاءِ قسم ڪڻڻ لاءِ به تيار آهيان."
"ته پوءِ هن سان زنا ڪنهن ڪيو هو؟"
"اوبرين هن سان بدفعلي ڪئي آهي. تـون پڇي پڪ ڪر ته توڪي سچي حقيقت جي خبر پئجي ويندي. مان ته رڳو هنن سان منگت ۾ گڏجي ويو هوس."
"اوبرين!" ڊن بار چيو "اوبرين!!"
"ها ڊن بار، اوهين يقين ڪريو. اوبرين حرڪت ڪئي

آهي اسان هن سان ڪجهه به نه ڪيو آهي.“

”ريز! مونکي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش نه ڪر.“

”نه ڊن بار! مان توکي بيوقوف ڪونه ٿو بڻايان. مسٽر رئنڊال ڪان پڇي ڏس جيڪو بروقت موجود هو ۽ مونکي واپس وٺي آيو هو. مون ته هن کي هٿ به نه لڳايو هو.“ ڊن بار ٿڌو شڪارو ڀري ڪجهه دير ماٺ ۾ اچي ويو.

”ٺيڪ آهي، هوندو. مان شايد توکي هرو ڀرو ڳالهايو آهي جنهن لاءِ مونکي افسوس آهي!“ ائين چئي هو واپس هليو ويو ته ريز پٺيان سڏ ڪيس ”ڊن بار! ڇا تون ڇڙيو ته نه ٿي پيو آهين؟“

”نه هاڻ مونکي توتي ڪا ڪاوڙ ڪانهي“

”پڪ؟“

”ها.“ پوءِ هو ٻئي ڇتا ڳالهيون ڪندا جهاز جي ڪناري تي اچي بيٺا ۽ ريز تورو ڪلي هن کي چيو ”ته پوءِ هٿ ملاءِ. هاڻ مان توکان مطمئن آهيان. سچ پچ مونکي توکان ڏاڍو خوف پئي ٿيو.“

هاڻ ريز هن جي خوشامد ڪرڻ لڳو ۽ هيٺاهين وٺڻ لڳو. ”حقيقت هيءَ آهي مسٽر ڊن بار، ته تو ڪجهه نه وڃايو آهي. اسان جو خانو خراب ٿي ويو. اسان جا سڀ پگهار ضبط ٿي ويا ۽ اها هڪ وڏي سزا آهي. تنهن ڪان سواءِ مسٽر ڪائن مونکي اهڙي نه زور سان ڦٽڪا ڇڪيا آهن جو اڃا تائين منهن جا پنا پيا سور ڪن.“ هو ٻئي سمونڊ جو نظارو ڏسي رهيا هئا. ڊن بار کي غصو اڃا به هو ۽

وٺي هئي ۽ هاڻ هن جي هر ڪا خدمت هن جي مرضي مطابق ڪندي هئي. هاريڻي به هن کي هر ڪم سمجهائيندو ۽ سيکاريندو هو ۽ هو سڪندي پئي وئي. هاريڻي اهو به ڏٺو پئي ته سائلاس سواءِ هاريڻي جي ٻي ڪنهن به ڳالهه ڏي ڌيان نه ڏيندي هئي. باقي هاريڻي کي اها خبر نه پئجي سگهندي هئي ته سائلاس جي دل ۾ ڪهڙا جذبا ۽ حسرتون اڀرن ٿيون ۽ فوت ٿي وڃن ٿيون.

غلامن ۾ اکين جو مرض زور وٺي ويو هو ۽ ڪئين غلام انڌا ٿي ويا هئا. گورا هن بيماري کان ڊڄندا هئا جنهن ڪري هاڻ اندر بلڪل نٿي آيا. هنن کي پنهنجو خوف هو.

آڊوڪي کي ڪابه انهي ڳالهه جي ڳڻتي ڪانه هئي ته غلام انڌا ٿيندا وڃن يا هن کي ٻاهر ڇو نٿو ڪڍيو وڃي. هن ڏٺو پئي ته هو هنن وٽ قيد هو. سندس گهر جا سڀ ڀاتي مري کپي ويا هئا تنهنڪري هاڻ فڪر ڇاجو. ٻاهر ڪڍن نه ڪڍن سندن مرضي. جڏهن مٿي ويندو هو ته ٿوري دير ڪسرت ڪري وري به وڃي هڪڙي هنڌ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهندو هو. سڀ رنگ پيو ڏسندو ۽ ٻڌندو هو پر ماٺ ڪريو گوڏن تي ڪنڌ رکيو ويٺو هوندو هو. جيڪڏهن سندس جسم کي به ڪا تڪليف رسندي هئي ته به ڪو خيال ڪونه ڪندو هو.

هڪ پيرو جيئن هو ڪنڌ گوڏن تي رکيو ويٺو هو ته ڪنهن سندس ڪلهي تي اچي هٿ رکيو. هن منهن مٿي

ڪساڻن لڳا پيا ته جيڪي اشانٽين سان شامل هئا تن کي به خبر هئي. اشانٽين جي فوجي ڪارنامن جي سيني کي خبر هئي ته هو هميشه تاريخ ۾ لکڻ جهڙا ڪارناما سرانجام ڏيندا آهن، تنهن ڪري سڀ هنن سان شامل ٿي ويا ۽ ساٿي ٿي پيا جيڪي پاڻ به. ڪئين وحشيانا ڪم ڪندا هئا ۽ وڏا بهادر هئا مگر هنن ۾ رڳو اها ڪمزوري هئي جو هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو ڪونه هو. اوچتو هڪڙو آواز ٿيو جنهن سڀني ٻيڪ ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو. آبوڪي ڪي پنهنجي ٻولي ۾ سڏ ٿيو "آبوڪا! هتي هڪڙو اهڙو به ماڻهو آهي جيڪو ٻين کي اسان سان شامل ٿيڻ کان منع ڪندو وتي. هو ماڻهن کي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن آبوڪي جي پٺيان لڳندا ته اسان سان به بيسو وارو ساڳيو حال ٿيندو. هو ماڻهن کي ڀرغلائي رهيو آهي ته متان دير ٿي وڃي تنهنڪري اڳواٽ گورن کي اطلاع ڪيو وڃي."

"ميليو! ڇا اهو تون پيو ڳالهائين؟"

"ها، آبوڪا، مان آهيان."

"تو وٽ ڪو هٿيار آهي؟"

"ها. مون وٽ چاقو آهي."

"ته پوءِ انهي غدار کي ختم ڪري ڇڏ ۽ اهڙي طرح ساري ڇڏينس جو ڪنهن کي به پتو نه پوي."

آبوڪي ريتي همت رکي ڇڏي ۽ ميليو جو انتظار ڪرڻ لڳو. هڪڙي رڙ ٿي ۽ پوءِ آواز بند ٿي ويو. وري دانهن ٿي ۽ ٻي دانهن ٿي ان کان پوءِ مڪمل خاموشي

دير نه ڪندو تنهن ڪري ماٺ ڪري هليو هو.

هارينبي پنهنجي ڪئبن ۾ ويو ۽ ٻه شلوارون ڪڍي آيو. اڳهاڙو هلڻ هن کي ڏکيو پئي محسوس ٿيو. پوءِ هولسٽر ۽ چند ٻين سان گڏجي هن بندوقون، تلوارون، بارود جون ڳوٿريون ۽ ڪارتوسن جا ڪوڪا گڏ ڪيا. پوءِ ڊيڪ تي مٿي چڙهيا. هڪڙي بندوق هيٺ ڪري پئي ۽ ڪڙڪو ٿيو ته مرڊس کي چڙ وٺي وئي. جڏهن ڊيڪ وٽ پهتا ته رنڊال چيو ”آواز اهڙو پيو ٻڌڻ ۾ اچي جهڙو ڪوس ڳهر.“ هارينبي هن جي وات تي هٿ رکندي چيو ”اهڙيون ڳالهيون نه ڪر ٻچا! اسان وٽ هٿيار آهن، ڪو خيال نه ڪر.“ هولسٽر وچ ۾ ڳالهائيندي چيو ”ها. پاڻ وٽ هٿيار آهن جن سان اسين ڪنهن تي به نشانو ٻڌي نٿا سگهون.“ مرڊس چيو ”جيڪڏهن هٿيار نٿا وٺجي ته تون نه کڻ. تون احمق ماڻهو آهين. مان ته سمجهان ٿو تون شارڪ مڇين کي کاڌي ۾ ڏاڍو پسند ايندين.“ ”سامرس!“ هارينبي سڏ ڪيو. ”سامرس، ڪورنش ڪٿي آهيو؟ ڪورنش؟“

”ڪپتان! هيڏانهن هن پاسي، مان آهيان ڪورنش“ هڪڙي پاسي کان ڪورنش آهستي سڏ ڏنو. ”ڪورنش، جهڙو نه ڪجانءِ. پنهنجي جان بچاءِ، جهيڙي کان پاسو ڪجانءِ، اسانکي تنهنجي اکين جي سخت ضرورت آهي.“ هارينبي آواز ڏنس.

ڪو ماڻهو ويجهو اچي رهيو هو. هارينبي پيرن جي ڪڙڪي تي پستول جو نشانو ٻڌو، ”ڪير آهين؟ پنهنجي

توپ کولي وٺي- ”ڏڙام.“ آواز ٿيو. ڪورنش هاربنبي کي ٻڌايو ”جناب پنڊرانهن شيدي مري ويا.“ هاربنبي حڪم ڪيس ته هاڻ بندوقن سان ماريو. ڪپتان رنڊال ۽ هولسٽر کي به مٿي موڪليو. رنڊال کي هدايت ڪيائين ته خلاصين کي چئو ته وچئين ٻيڪ جي اردگرد فائرنگ ڪن. جيڪڏهن ڪو به شيدي موجود هوندو ته ايترين مارين بندوقن جو مقابلو ڪري ڪونه سگهندو.

غلامن جا ٽولا پين قاتل غلامن جي زنجيرن ٽوڙڻ ۾ لڳا پيا هئا ۽ ڪن ٻيڪ جون پليٽون وغيره پٽي پکيون. اچانڪ توپ جو ڌماڪو ٿيو. آبوڪي غلامن جون دانهون ٻڌيون. ٻه غلام هيٺ اچي ڪريا.

”آبوڪا“ ڪنهن هن کي سڏ ڪيو، ”آبوڪا اسين سڀ مارجي وينداسين. گورا ڏسن ٿا.“ ”نه. هو ڏسي ڪونه ٿا سگهن. اوهان فائرنگ مان اندازو لڳايو آهي. درحقيقت اها اتفاقي اوهان جي طرف لڳي آهي.“ آبوڪي ڪي دل ۾ ڪٿڪو پئي ٿيو ته متان واقعي به هو ڏسندا هجن. هن اها غلطي ڪئي هئي جو توپ کي بيڪار ڪري ڇڏيو هئائين. هن جو ڪم هو ته توپ ڇوڙي سيني گورن کي اڏائي ڇڏي ها.

غلامن ٻيڪ ۾ هڪڙي چئين ٽوڙي ڇڏي هئي ۽ هاڻ فتح جا نعرا هڻڻ ۾ پئي آيا. ٽيهه غلام ٻيا به آزاد ٿي ويا. هڪ دفعو وري توپ جو ڌماڪو ٿيو. چند منٽن تائين غلامن

وٽا، هر طرف لاش پکڙيا پيا هئا جتان لنگهڻ جي ٻـ جـاءِ ڪانہ هئي.

اوچتو هڪڙو خنجر ڪورنش کي اکين جـي مٿان سڌو لڳي ويو. هن کان رڙ نڪري وئي. هٿيار اڇلي منهن تي ٻئي هٿ ڪلي رکيائين. ”نہ- نـہ، نہ، نہ“ هن دانهون ڪيون. مٿي کي لوڏا ڏنائين. سڄو رت سان وهنجي ويو. هٿ ڦاڙي اکيون آڻـا ڪري چوڻ لڳـو ”ڇو، ڇو؟ ڇو؟ هينئر هن مهل! ڇو؟“ اوچتو هڪڙو هٿ هن جي بغل ۾ پهچي ويو ۽ ڪورنش هيٺ ڪريو هڪڙي گهڙيءَ کان پوءِ هن جي کوپري اڌامي وئي.

ڊن ہار ڪافي مقابلو ڪيو هو. اوبرين کي ڏاڍا سـڌ ڪيا هئائين پر ڪوبہ جواب نہ مليو هوس. هن جـو نڪ ڦاٽي پيو هو. هڪڙو ڪن بہ وڍجي ويو هوس. ڇـا اوبرين بچي ويو آهي؟ هن اوبرين کي تمام گهڻو ڳوليو هـو مگر هو ڪٿي بہ هن کي هٿ نہ آيو. جنهن وقت ڪپتان هاريئي سيني ملازمن کي حڪم ڏنو تہ سيڪو پنهنجو بچاءُ ڪري تنهن وقت هو هڪڙي ڊيڪ ۾ اندر گهڙي ويو. وچ ۾ هن کي بہ شيدي لڪريا جن کي هن چـُرن سان ماري ڇڏيو. ڊن بار ٻـ ٻين وانگر وچين ڊيڪ تي هٿيار کڻـي بيهي هـا ۽ مقابلو ڪندي مـري ها پـر هن کي اها پڪ ڪانہ هئي تہ اوبرين مري ويو يا اڃا جيئرو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن اوبرين کي مارڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو.

پوءِ هنن اول جهاز مان گورن ۽ ڪارن جا لاشا ميڙي سمونڊ ۾ اڇلي ڇڏيا. ترندڙ لاشن تي سوين شارڪ مڇيون اچي ميڙيون ۽ لامارا ڏيندي يون لاشا ڪٽيندي يون کائينديون ويون. هنن کي جهاز مان سڪل گوشت، شراب جون بوتلون ۽ کوڪا به لڌا جيڪي هنن هڪڙي هنڌ گڏ ڪري رکيا. هڪڙو غلام تولي کي ڪلهي تي کڻي آبوڪي وٽ آيو ۽ چيائين ”آبوڪا! اجهو تنهنجو تولو.“ آبوڪي يڪدم هٿ اڳتي وڌايا ۽ هن جي نراڙ تي هٿ رکيو ته نراڙ پگهر سان پسيو پيو هو. ”تولا! تون ته نيڪ آهين؟ ڪو زخم ته نه رسيو اٿئي؟“ ”ها. ڪک ۾ ڌڪ لڳو اٿم. مگر نيڪ ٿي ويندو.“ آبوڪي هن جي پاسراٽين تي هٿ ڦيرائي ڏٺو ته هن جي ڪک، ڦاٽي پئي هئي جنهن مان آنڊا ٻاهر نڪري آيا هئا. ”ها پٽ! جلد نيڪ ٿي ويندين.“ جيتوڻيڪ آبوڪي کي پڪ هئي ته بچندو ڪونه. پوءِ آبوڪي حڪم ڪيو ته کو صاف ڪپڙو کڻي اچو. هُن همت هاري ڇڏي.

”بابا!“

”جي بابا.“

”مون هڪڙي گوري کي تنهنجي پاران ماري ڇڏيو.“

”ها پٽ، تون بهادر آهين، دلير آهين.“

”بابا، تو مونکي اڳي چيو هو نه، ته تون مڙس آهين؟“

”ها پٽ، تون واقعي جوان آهين.“

”بابا، مان مري ويندس. ڇا، مان بچي ويندس؟“

"اڄ تون جوان ٿي وئين. منهنجي دل خوش ٿي آهي. ۽ تون نه مرندين. مان توکي پاڻ سان گڏ وطن وٺي پيو هلان."
"واعدو!"
"ها، واعدو."
"بابا وطن پهچڻ ۾ دير لڳندي؟"
"تمام جلد. سپاٽي ڪونه ٿيندو. اڄ ئي پهچي وينداسين."
"بابا مونکي پنهنجي گهر پهچڻ جي ڏاڍي اڪير آهي."
"ها، پٽ مونکي به تانگهه آهي. مونکي اها به خوشي ٿيندي جو تون ۽ مان گڏجي وطن پهچنداسين."
هڪڙو شهدي ڪپڙو ڪلهي آيو. آدوڪي پٽي ئاهي هن کسي پاسن ۾ ويڙهي ڇڏي "پٽ! توکي تڪليف ٿيندي هوندي، تون سور کان دانهون ڪرين ته ڀلي دانهون ڪر. اِهي ۾ شرم جي ڪا ڳالهه ڪانهي." ڇوڪرو ٿورو ٿورو چنگهيو پر دانهن ڪانه ڪيائين. "هاڻ مان توکي هڪڙي بستري تي هلي سنڀاريان ٿو. اهو انگريزن مان ڪنهن جو آهي- اتي تون سمهي آرام ڪر." پوءِ هن کي ڪلهي نهايت آرام سان هڪڙي بستري تي ليٽائي ڇڏيائين. "پٽ! تون هتي آرام ڪر، جيستائين مان ڪنهن عورت کي سڏي ٿو اچان جيڪا تنهنجي سنڀال ۽ خدمت ڪندي. مان به جنهن مهل موقعو ملندو ته توسان ملڻ پيو ايندس. ٺيڪ آ؟"
"بابا ٿورو ترس. بابا، مونکي ڪا ڪانهي ته ڪو مون گوري کي ماري ڇڏيو آهي. مون هن تي چاڪوءَ جا تمام گهڻا وار ڪيا هئا ۽ پوءِ مونکي به ڌڪ لڳي ويو-

آبوڪي ٽيڪوموءَ کي چيو ته هن گوري کي پڌاءِ ته اسين هن کي تيستائين جيئدان ڏينداسين جيستائين هن جي حياتي هوندي مگر شرط اهي آن ته جيئن اسين حڪم ڪريون تيئن ڪندو رهي. ٽيڪوموءَ ڪافي دير ماٺ ڪري وري چيو "مان هن جو غلام آهيان. هي گورو آهي ۽ منهنجو آقا آهي."

"غلام ڪوبه ڪونهي. ٽيڪوموءَ اسين به تو وانگر غلام ٿي چڪا هئاسين پر هاڻ مالڪن کي ختم ڪري ڇڏيوسين، هاڻي هاڻ سڀ آزاد آهيون. ڪوبه ڪنهن جو آقا ڪونهي."

"مگر مون جهيڙو نه ڪيو آهي. مان لڪي ويو هوس. مان هنن کان ڊنس پئي."

"ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. اگر تون نه وڙهيو آهين ته به پرواهه نه ڪر. هن کان پڇ. هاڻ ايئن سمجهه ته هي تنهنجو غلام آهي."

"پر گورا وري به ايندا."

"بلڪل نه. مان توسان واعدو ٿو ڪريان ته هاڻ ڀيهر ڪوبه تنهنجو آقا نه ٿيندو." آخر ٽيڪوموءَ هن کان پڇيو. هولسٽر نهايت مغروري سان جواب ڏنو ته جيئن اوهين چوندا تيئن ڪندس. ٽيڪوموءَ آبوڪي کي ٻڌايو ته هي چئي ٿو ته مان اوهان جو حڪم مڃيندس. زمين هتان کان فقط ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي مان اوهان کي ڪناري تي وٺي هلي مدد ڪري ٿو سگهان. آبوڪي چيو ته

## نيوفيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

**يورپ جا ڏينهن، يورپ جون راتيون**

(سفرنامو)

مصنف: الطاف شيخ

**پڳوانن جي پور ۾**

(نيپال جو سفرنامو)

مصنف: بدر ابڙو

**گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾**

مصنف: شيخ اياز

**خواب، خوشبو، ڇوڪري**

(ناول)

ليکڪا: ماهتاب محبوب

**ڪيئي ڪتاب**

(جلد پهريون ۽ جلد ٻيو)

مصنف: رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي

**رُني آهي گهوٽ سان**

مصنف: الطاف شيخ

**ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مسافر**

(آتم ڪهاڻي)

مصنف: شيخ اياز

## پياسي ڌرتي رمندا بادل
(ناول)

مصنف: سراج

## منهنجي سڀ کان پياري ڌيءُ

مصنف: ذوالفقار علي ڀٽو

## پيار ڪهاڻي (ناول)

مصنف: نجم عباسي

## اونداهي ڌرتي روشن هٿ
(ناول)

مصنف: سراج

## آسيم (ناول)

مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ

## بهترين سفرناما

مرتب ڪندڙ: الطاف شيخ

## غلامن جو بيڙو (ناول)

مصنف: ايرڪ ڪارڊر

## نيگرو عشق ۽ بغاوت (ناول)

مصنف: ڪرسٽو فرنڪول

## آپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي
(سفرنامو)

مصنف: لوڪرام ڏوڏيجا

**ميهڙ کان ماسڪو** (سفرنامو)

مصنف: ڊاڪٽر محبوب شيخ

**اٽڪل شهر جو نقشو**

(ڪهاڻيون)

مصنف: شبنم گل

**چنڊ ڳليون**

(شاعري)

مصنف: شيخ اياز

**سهسين ٿيا سارنگ**

(سفرنامو)

مصنف: عنايت بلوچ

**ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن**
**جت برف پئي ٿي جام**
**ملير کان مالمو**

(سفرناما)

مصنف: الطاف شيخ

**قيدي** (ناول)

مصنف: فخرالزمان

**اوڙاهه** (ناول)

مصنف: غلام نبي مغل

هي ڪتاب ايرڪ ڪاربر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪيرولينا ڪان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جيوبيليشن ۾ وار ڪانڊاريندڙ جهيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڱ ڪانڊاريندڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڊوڪي جو انت. عياش هارينبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ کي داءُ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به ٽي خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيڻي هينئين وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ کڻندو نه شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري.

هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪيئن نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

سنڌيڪار: دوست محمد ٻگهي غلامن جو ٻيڙو (ناول) نيو فيلڊس (27)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورِي پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)